# رسمون رواج ۽ سوڻ سات

*donated from*
*Suleman A. Memon's*
*personal library*

لوڪ ادب سلسلي جو اوڻيتاليهون ڪتاب

# رسمون رواج ۽ سوڻ ساڻ

مرتب :

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سيڪريٽري امور ثقافت، وزارت تعليم پاڪستان

۽

ڊائريڪٽر لوڪ ادب اسڪيم

سنڌي ادبي بورڊ

پاران : ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

سنڌي ادبي بورڊ

حيدرآباد سنڌ

پاڪستان

١٩٧٨ع

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# عنوانن جي فهرست

## پاڱو پهريون

باب پهريون: اولاد لاءِ دعا 1-2
سڪائون ٻاسڻ 1
جهنڊ يا جاد ٻاسڻ 2
بـاب ٻـيـو: ٻار جي سرجڻ کان ڄمڻ ڏاڪئين سوڻ 3-18
باب ٽيـون: ٻار جي ولادت کان بلوغت تائين رسمون 19-50
ٻار جي سنڀال 19
ٻار ـ ماءُ جو علاج 23
دائيءَ جو لاڳ 24
ٻٽ ڄمڻ جي مبارڪي 27
ٻار جو نالو رکڻ 27
ڇٽي 29
عقيقو 37
ٻڌ چاڙهڻ 37
جهنڊ 38
ڏاوڻ ويڻ 43
طهر جون رسمون 45
باب چوٿون: مڱڻي کان پرڻي تائين رسمون 51-249
سڱ جي ڳهڙ 52
ٻڌ ري 63
مڱڻو 68
شاديءَ جا ڏينهن ٻڌڻ 76
ٻڌڪي 82

شادي ۽ ڪاڄ 91
وناهه يا ولواهه جا سونڻ 97
مينڌي 121
ڳانو (مينڌيءَ جو) 127
اهنڙُ يا اهينڻيَڙُ 130
ڪاڄ ۽ مالي 132
ڄڃ جي روانگي ۽ ڄڃ ۾ پهچڻ 138
رنگ لائڻ 154
پڪو اڏڻ 155
جاڳي جي رات 156
پيڙو يا ڪوٺو 156
ڏيجُ يا ڏاجُ 158
گهوٽ کي مهندي لائڻ 163
ڌارُ 164
ٿارو ڪڍڻ 166
گهَڙي پرڻ 168
گهوٽ کي وهنجارڻ 172
گهوٽ کي ڪپڙا ڍڪائڻ 174
گهوٽ جو سُورڙو 177
موڙ ٻڌڻ 177
تيلاڙي جو ساٿ 179
ڪنوار جا ميڻيا ڪولڻ،
گهڙو پائڻ ۽ ٻيا ساٿ 180
لڪاح 185
ٻُسريون 187
سرگس ۽ گهوڙي جا ساٿ 190
گهوٽ جي پيرن ۾ پاڻي هارڻ ۽
ڪنوار پتن طرفان ٻيا ساٿ 194
سيج 202
لائون ۽ لائڻن کان پوءِ ٻيا ساٿ 209
مارڪو ۽ مبارڪون 222

موڪلاڻي ۽ ليکيٽي 222

ستاواڙو 229

لڙ، لاڙ ۽ وچولي جي
ڪنيارن جون رسمون 234

## باب پنجون: مرڻو 311-250

مسلمانن جون رسمون 250

هندن جون رسمون 278

پار ۽ اوسارا 287

## ڀاڱو ڇهون

## باب ڇهون: گهرو زندگي 333-315

گهر جي اڏاوت ۽ صفائي 315

جسم جي صفائي 317

گهر ۾ جهيڙي جا ڪارڻ 319

لباس 320

ادب، اخلاق ۽ هلت چلت 322

ڇنڊڻي، رڌ پچاءُ ۽ ڪاڄ و 323

ڪٽي، هنڊ ۽ سمهڻ 327

رات جي وقت جا سوڻ 328

## باب ستون: روزمره جي زندگي ۽ مشاهدا 343-334

ڪم لاءِ ٿيڻ 334

ڳالهه جو سچو هجڻ 335

چمار جو وڏو ٿيڻ 336

مهمان اچڻ 336

جيتن، جانورن ۽ پکين متعلق
وهم ۽ ويچار 336

مينهن وسڻ، اڳڪٿيون ۽ احتياط 339

موسمون ۽ لڪڻ 342

باب اٺون: سفر، ٿارو، ڏينهن، ٿاريخون 352-344

سفر ۽ مسافري 344

راتيون ۽ تاريخون 346

هفتي جا ڏينهن 347

لون ڪپڙن ڪرڻ ۽ ٻين ڪن

خاص ڪمن لاءِ ڏينهن 350

ماهه صفر جا سوڻ 351

تيرهن تيزيون 352

باب نائون: عارضا، بيماريون ۽ علاج 382-353

ٻارڙن جون بيماريون، سوڻ ۽ علاج 353

وڏن جون بيماريون، سوڻ ۽ علاج 358

زهريلن جيتن ۽ جانورن جو چڪ ۽ علاج 378

جانورن جون بيماريون ۽ علاج 379

عضون ۾ ڪنهه (خارش) ٿيڻ 380

عضوا (ڦنڊ) ڦڙڪڻ 381

باب ڏهون: نظر، پيت، پارانو، ڀوهه، جادو، ڪامڻ، لڳت ۽ جن 388-383

نظر 383

جادو ۽ ڪامڻ 384

لڳت يا حساب 386

باب يارهون: سهاڳ ۽ نڀاڳ 394-389

سهاڳ جا سڳڻ 389

نڀاڳ جون نشانيون 390

باب ٻارهون: ڏنڌي وارن جا سوڻ 409-395

باب تيرهون: فالون 412-410

باب چوڏهون: خواب ۽ خوابن جو تعبير 414-413

ضميمو 439-415

# باب پهريون

## اولاد لاءِ دعا

### سکائون باسڻ

جن عورتن کي ٻار نہ ٿيندو آهي، سي ڪنهن نہ ڪنهن پير جي سُکا باسين، ۽ سکا باسڻ وقت چونديون آهن: 'پير! پٽ ڏي يا خدا کان وٺارائي ڏي تہ نَر جو نَر ڏينديسانءِ.' جنهن جو مطلب هوندو آهي تہ گهَٽو يا ڪُونهون ڏيندي. ڪي زالون وري ٻار جي جهنڊ، چِڪ، چوٽي يا ڦنڊر باسين ۽ اها انهيءَ پِير جي ڪري ڇڏينديون آهن.

جن زالن کي ٻار نہ بچندو آهي يا سِڪي سِڪي پيٽ ۾ ٿيندو آهي، سي ڪنهن پِير جي سُکا يا باس باسينديون آهن. اهڙي ٻار کي 'سوڪتو' چيو ويندو آهي. جڏهن ان عورت کي پنجون مهينو پيٽ ٿيو تہ سُکا ۾ "اڌ کِپ" ڏين. يعني زالون اڌ کِپ آن جي ڪَنّي ٿاهي، ڪنهن ٻر واري پِير تي وڃي ڏيئي اينديون آهن. ڪي زالون چاليهو باسينديون آهن، جو گهٽو ڪري مسجد ۾ ڏنو ويندو آهي. ڪي زالون پير يا ولي جي ڪُني باسينديون آهن: يعني چانورن جي ديڳ لاهين. هر پير يا ولي جي جدا جدا مڃتا ڪن. ملتان جي غوث صاحب جا روٽ باسين، چام ڏاتار جي ڦنڊر ڏين، ميان غلام شاهہ کي "مڇي ماني وارو پير" سڏين ۽ اتي سيئل مڇي ۽ ماني باسين.

جن زالن کي هڪڙي پٺيان ٻہ ٻار ڄمندا آهن تہ اهي وري ٻارن کي ننڍڙي ٻاڃاريءَ ۾ وجهي، ڍُڪائي پِير تي وٺي وينديون آهن ۽ پِير جي ڏمال هڻنديون آهن (۱).

---

(۱) غلام رسول جتوئي، تعلقو واره.

## جهنڊ يا جاد باسڻ

زالون باس باسينديون آهن ته پٽ ڄمي ته فلاڻي ڪي فلاڻي پير تي ”جاد“ لهرائينديونسين. سڄي جهنڊ لاهي، رکو مٿي تي چوٽي ڇڏين، ان چوٽيءَ کي ”جاد“ چون(١).

گهڻو ڪري پهرئين پٽ جي جهنڊ جي باس، پٽ جي ويجهي عزيزياڻي، جيئن ته ماءُ، ناني، ڏاڏي يا ماسي باسيندي آهي. اها باس ڪنهن پير يا وليءَ جي نالي باسي ويندي آهي، ۽ اها سوڻ سائڻ سان ڪنهن پير، وليءَ يا فقير تي لهرائينديون آهن.

ڪنهن عورت کي اولاد نه ٿيو ته خود اها عورت (ان جي ماءُ يا سَسُ) ڪنهن پير يا وليءَ تي جهنڊ باسيندي. چوندي ته: اي فلاڻا پيرا! مون کي بخشيل پٽ (پوٽو يا ڏهٽو) ڏي ته آءٌ توتي سوني وينڊي سان، اڇي ڦندر سان، دهلن دمامن، ڳيچن ۽ خوشين سان اچي پٽ (پوٽي يا ڏهٽي) جي جهنڊ لهرائي ونديس.' اها باس پير يا وليءَ جي درگاهه تي هلي وڃي ڪنديون آهن، بعضي گهر ويٺي به اعتقاد ڪري باس باسينديون آهن (٢).

---

(١) محمد پناهه ڦرڙو، تعلقو ڪنڊيارو.

(٢) الهڏتو بلوچ، تعلقو شهدادپور.

* جي پيٽ واري عورت وڏهڻ کان پوءِ آئي هلي ۽ سڄو پير اڳ ۾ کنيائين ته پٽ ڄڻيندي، پر جي کٻو پير اڳ ۾ کنيائين ته ڌيءُ ڄڻندي (۱).

* چانور ٻار ڄمڻ سان روج راڙهو ڪيو ته مٿانئس جيڪو ٻار ڄمندو سو مَٽَ ٽيل هوندو، يعني پُٽ چانور هوندو ته ان کان پوءِ ڌيءُ ڄمندي، ۽ جي ڌيءُ چانور هوندي، ۽ انهيءُ روج راڙهو ڪيو ته مٿان پُٽ ڄمندو.

* ڌيءُ کي ڪياڙيءُ کان پٽو نظر آيو ته پُٽ ڄمندو. يعني آهو پٽو 'پڳ-وَرُ' ليکبو.

* پيٽ واري زال کٻي وک کڻي هلندي ته ڌيءُ ڄمندي، جي سڄي وک کڻي هلندي ته پٽ ڄمندس.

* پيٽ واري عورت اِڪي مهينن ۾ نئون ڪپڙو پائي ته پُٽ ڄڻيندي، ۽ جي ٻڏي مهينن تي پائي ته ڌيءُ ڄڻيندي.

* ٻڏي مهينن ۾ نئون ڪپڙو پائيندي ته ڪيس ۽ ٻار کي نقصان پهچندو.

* ڪتيءُ لئي عورت کي پيٽ ٿيو ته ڌيءُ ڄمندي، جي ڪتيءُ آيرندي پيٽ ٿيو ته پُٽ ڄمندو.

* پيٽ واري زال اونداهين ۾ ويامندي ته ڌيءُ ڄڻيندي، ۽ جي چانڊوڪين ۾ ويامندي ته پُٽ ڄڻيندي.

* ٻڏي مهينن تي پيٽ واري زال رِلهڪو نه سڀي، جي سبائين ته ڌيءُ ڄڻيندي ۽ ڪيس به نقصان رسندو.

* پيٽ واري عورت جي گهر ۾ جيڪڏهن ڪنهن ڌاريل جانور نَر ڄڻيو ته عورت ڌيءُ ڄڻيندي، مگر جي جانور کي مادي ڄائي ته عورت پُٽ ڄڻيندي.

* جنهن عورت کي ننڊ گهٽي هوندي، اها ڌيءُ ڄڻيندي.

---

(۱) محمد پناهه قرڙو، تعلقو ڪنڊيارو.

* جنهن عورت کي ڏيءَ ڇمڻ جون نشانيون هجن، اها ڪـَڪڙ کائي ته پٽ ڄڻيندي.

* جيڪا عورت پنهنجي گهر ۾ رکيو ڏيئو ڄڻيندي هجي، ان جو ويم وقت گهر مٽ ڪجي، يعني ٻئي گهر ۾ ويم ڪرائجي ته پٽ ٿئي.

* جيڪا عورت صبح جي پهر ۾ ويامندي آها پٽ ڄڻيندي. اهڙيءَ طرح پهر پهر جو وارو آهي.

* جڏهن ڪنهن عورت کي پيٽ ٿيندو آهي، تڏهن اها ڪنهن جوڳيءَ وٽ (جنهن کي مُرلي ۽ نانگ هوندو) نه آڻيندا. پر جي اتفاقاً آتي آئي، ۽ مرليءَ جي وڄائڻ تي نانگ ڇڀيءَ مان ڪَرُ ڪڍي لهر نه ڪئي ته چوندا ته انهيءَ عورت کي پيٽ ۾ ٻار 'پٽ' آهي.

* حمل واري عورت جي ٿڃ گهاٽي هوندي ته پٽ، جي ڇـِڊي هوندي ته ڌيءَ سمجهي ويندي آهي(١).

<u>پيٽ واري عورت جا سوڻ</u>

انهيءَ لاءِ ته پيٽ واري ٻار کي ڪوبه ڇيهو نه رسي، هيٺيان سوڻ ڪندا:

* ٻـن جيڻن واري ڪنهن عورت کي ٻيڙيءَ ۾ چڙهڻو پوي ته پنج ٽـَڪا آن ۾ رکي پوءِ چڙهندي.

* مٿيءَ جي پٿر تي نه ويندي.

* جيڪڏهن سندس ويڙهي ۾ ڪو ماڻهو فوت ٿيو ته انهيءَ جي ڪفن جون تندون گهرائي پنهنجي ساڄي هٿ جي چيچ ۾ ٻڌندي. جڏهن جنازو ڪڍي نڪرندا، تڏهن اهي تندون جنازي تان آچلائي ڇڏيندي.

---

(١) محمد طالب لوهار، تعلقو ٽنڊو باگو.

* ڪنهن ٻه عورت يا جانور جو ويم ٿيندو هجي ته اصل نه ڏسي.
* پنجين مهيني کان پوءِ ڪو به ڪم ڪار نه ڪري.
* گهٽو نه گهمي.
* ريشمي لٽا نه ڪري.
* لوهه جي ڪڙي ٿهرائي پائي.

## ٻار جي صحيح سلامت ڄمڻ لاءِ سوڻ

پيٽ واري عرصي ۾، ڙالن کي اڏيڙا ٻه، ٿيندا آهن. پوءِ ڪن کي چار ڏينهن، ته ڪن کي آٺ ڏينهن. باقي ڪن سان ته نسورو ويل ٿي ويندو آهي، جو آٺ يا نوَ مهينا ٿا هلن. اهڙيءَ عورت کي گهٽ تڪليف ٿئي ۽ ٻار ٻه سلامت ڄمي، ان لاءِ زالون هي سوَڻ ڪنديون آهن:
* پيٽ واري عورت لاءِ ڪو به نئون لٽو، ٽئين، پنجين، ستين يا نائين مهيني پائڻ چڱو آهي. جو ته ائين ڪرڻ سان پٽ ڄمڻ جي سورهن آنا پڪ آهي.
* سج لٿي کان پوءِ نلڪي توڙي کوهه تان پاڻي نه ڀري.
* ڪابه مسافري (آٺ يا گهوڙي وغيره جي) نه ڪري.
* سدائين سنئون سمهڻ گهرجي.
* غم ۽ ڪاوڙ ڪرڻ نه گهرجي.
* بيماري ٿئي ته جلاب نه وٺجي.
* مئل ماڻهوءَ جو پاڇولو نه پوي، نه ته ٻار کي ڪينگي(١) ٿي پوندي.
* مينديءَ کي هٿ نه لائي، نه ته ٻار گونگو ٿي پوندو.
* ساڳي نه کائجي، نه ته ٻار کي گيگ ٿي پوندي.
* ڏونگهي نه کائجي، جو ٻار کي ججهري ٿي پوندي.

---

(١) محمد پناهه قرڙو، تعلقو ڪنڊيارو.

*ڪن هنڌن ٻار ڇمڙ ڪان پوءِ گڏهه جي لڏ گهرائي، ٻاٽي ۾ ملائي، آن ٻاٽي سان ٻار کي وهنجارين.
*سون ٻاٽيءَ ۾ ڌوئي، اهو ٻاٽي ٻار تي هارين ۽ ان کان پوءِ سڄي ٻاٽي سان وهنجاري، ٻار جي ڪن ۾ ٻانگ ڏيارين، ٻانگ چوڻ جو اجورو ٻه مصري جي صورت ۾ ڏنو ويندو آهي (١).

ناڙو ڪپڻ.

ٻار ڇمڙ سان ئي دائي، ٻاڪي ڪٽي ٻار جي ناڙي کي ڏهي، سڳو ٻڌي، پوءِ ڪپيندي آهي. ناڙي جي ڦٽ جي ڪڙي لهندي ته دائي اها ڪٽي ٻاٽي ۾ اڇلائي ايندي، ۽ ان جو ٻه لاڳ وٺندي. پٽ هوندو ته پنج رپيا ۽ ڌيءَ هوندي ته ٻه رپيا وٺندي.

---

(١) محمد پناهه قرڙو، تعلقو ڪنڌيارو.

# باب ٻيون

## ولادت کان وٺي بلوغت تائين

### ٻار جي سنڀال دوران سوڻ.

ٻار ڄمڻ کان وٺي وڏي ٿيڻ تائين، ماءُ ۽ ٻين مائٽياڻين طرفان هيٺيان سوڻ ڪيا ويندا آهن:

*ماءُ، ٻار ڏي چاليهي تائين پٺي نہ ڪري سمهندي، ڇو ته: جيڪڏهن ڪنهن عورت ائين ڪيو ته "ديوي" ٻارڙي کي ٿڃ پيارڻ ويندي، جنهنڪري ٻار، ماءُ جي ٿڃ لاءِ ڏائيندو پر روج راڙهو ڪندو. انهيءَ حالت ۾ هيٺيان سوڻ ڪن:

*ستن کوهن جو پاڻي آڻي آن ۾ ستن وڻن جا پن وجهي، ستن وڻن جي ڪاٺين جي باهہ تي پاڻي گرم ڪري، آن پاڻيءَ سان ٻار کي ستن ڏينهن تائين ڌ-واڻي تي وهنجارين.

*نانگ ماري ڌ-واڻي تي پوري، پوءِ آن ڌ-واڻي تي نانگ جي مٿان ٻار کي ٽي ڏينهن وهنجارين.
* هٿ پير لڏل عورت ڪنهن بہ جانور يا پکيءَ کي هڪل نہ ڏيندي، ڇو ته ائين ڪرڻ سان ماءُ جي ٿڃ سڪي ويندي.

*ٻار کي هڪ نہ ٻي ڏ، ڇڏيندي تہ آن ٻار کي مٿل ڪٽيءَ جي منڊيءَ تي ٻيهاري وهنجارين.

*ڏيءَ کي ايڪيهہ ڏينهن نيڻ ڪڍن ۽ پٽ کي اڍائي مهينا. وڌيڪ ڏينهن نيڻن ڪڍڻ سان ناڙين کي نقصان پوندو.

*جنهن گهر ۾ وهم ٿيو هوندو، ان گهر مان ’چِلهي‘ تائين ڦانڊو نہ ڪڍندا، نہ تہ ڪنهن چاول ٻار جو وات ٿري پوندو (يعني وات ۾ ڦلٽا ٿي پوندا).
*جنهن ٻار کي ڏند آيل ناهن، اُن کي ڦٽي نہ ڏيندا، ڇاڪاڻ تہ ڦٽي ڏيڻ جي حالت ۾ ٻار کي ڏند تڪليف سان نڪرندا(١).
*عورت کي ڌيءُ ڄائي هوندي، ۽ پٽ نہ ڄمندو هوندس، تہ پوءِ اُن ڌيءُ جون واليون ڪين لهرائين، ۽ چون تہ: جڏهن ڀاءُ ڄمندس تڏهن واليون پائيندي. ڪن هنڌن تہ وري پٽ ڄمڻ تائين ڌيءُ جا ڪن بہ ڪين ٽوپائين.
*وهم واري عورت جو چلو ست ڏينهن هلي، انهي عرصي تائين ڪوبہ مرد ماڻهو چلي واري جاءِ ۾ اندر نہ ويندو.
*چلي واري عرصي تائين گهر ۾، وڻ هيٺ يا ٻئي ڪنهن هنڌ ڏاڏيان ڪونہ ڳالهائين، متان ماءُ ۽ ٻار کي چرڪ ٿي پوي.
*ٻار ڄمڻ کان پوءِ ستن ڏينهن تائين ان گهر ۾ ٻريل ڪاٺيون ٻاٽي سان ڪونہ وسائين، ڇو تہ ائين ڪرڻ سان ٻار جي منهن ۽ بدن تي ڦلٽا ٿي پوندا(٢).
*مينهن ۽ گوڙ ٿئي تہ ٻار جي ٻانهن ۾ ڪچو اڇو ڌاڳو ٻڌي ڇڏينديون تہ متان ٻار ٻوڙو ٿي پوي(٣).
*جنهن ٻار کي مٿي ۾ ٻہ ڀؤنريون هونديون سو ڀاڳ وارو ليکبو.
*جنهن ٻار کي پير ۾ پدم هوندو، سو سڀاڳو ٻار چون.
*جنهن ٻار کي چور ڏند اڀرندا، اهو ٽيستائين ڏکيا ڏينهن ڏسندو رهندو، جيستائين اهي سڀئي ڏند نہ ڪڍائيندو يا ڀاڄهي لهي وڃن.

---

(١) محمد پناهہ قرڙو، تعلقو ڪنڊيارو.

(٢) ۽ (٣) ماهوار ”نئين زندگي“ ڪراچي، مارچ ١٩٧٥ع.

*دانگي يا ڪُني جي ڪاراڻ، ٻار جي ترارُ ۽ ڳلن تي هڻن ته جيئن نظر نه لڳيس.

*ڳڏهه جي ليڏوٽي کي ٻاٽيءَ ۾ پسائي، ان ٻاٽيءَ سان ٻار کي وهنجارين. لُنڊ، خشڪ ۽ ڪوسا قومن ۾ اهو ٻاٽي ٻار جي ماءُ کي پيارڻ جي رسم آهي.

*ٻار کي آنُ ۾ توري، اهو آنُ خيرات ڪري ڇڏين.

*ڪنهن نيڪ ۽ معتبر ماڻهو کان ڦيڻ ڪيائي، ٻار جي تارونءَ تي لڳائين، ته جيئن ٻار ان ماڻهوءَ جهڙو نيڪ ۽ معتبر ٿئي.

*ٻار کي چنگهن ۾ ڏاوڻ ٻڌن (١).

*جتوئي قوم ۾ رواج آهي ته سير کن مينديءَ پسائي ان جا ٻه حصا ڪري، هڪ حصو ڏاڏي ٻوٽين ۽ ٻيو آدم ٻوٽين کي لائين، ۽ چون ته: آدم ٻوٽين کي مينديءَ لائڻ سان ٻار گونگو نه ٿيندو.

*ڳڏهه جا ست ليڏوٽا، ست سيگون ۽ ست گز آٽين، ۽ ليڏوٽا ڌاڳن ۾ ٻوٽي سيگن ۾ زه ڪري ٻڌن. انهن ستن سيگن مان چار گهر جي چئن ڪنڊن ۾ پنجين گهر جي وچ واري وَرِي ۾، ڇهين در جي چائنٺ ۾، ۽ ستين ٻار جي کٽ ۾ رکن. ان کان پوءِ ٻيءُ ٻار تي نالو رکندو (هي سوڻ پٽ جي حالت ۾ ڪن).

*ٽن ڌيئرن مٿان ڄمندڙ پٽ کي ”ٽڪڙ پٽ“ ۽ ٽن پٽن مٿان ڄمندڙ ڌيءَ کي ”ٽڪڙ ڌيءَ“ چون، ۽ اهڙي

---

(١) محمد پناهه ڦرڙو، تعلقو ڪنڊيارو.

## جهنڊ لهرائڻ جا سوڻ.

* جهنڊ لهرائڻ وقت ٻار کي الهندي طرف منهن ڪري ويهارين، مٿانئس ڪوڏيون گهوري اڇلائين، ۽ ٻار جو چولو حجم کي ڏين.
* ٻار جا ماءُ پيءُ جهنڊ واري ڪُنّي ڪونه کائين، ۽ چون ته: ماءُ پيءُ ڪُنّي کائيندا ته ٻار گونگو ٿيندو.
* ڪن قبيلن ۾ ٻار جا ماءُ پيءُ ۽ حجم، جهنڊ لهڻ تائين روزو رکن (۱).
* ٻار جي جهنڊ لهڻ تائين سندس مٿي جي جونءِ نه مارجي، بلڪ اها ٻار جي ماءُ جي مٿي ۾ وجهي ڇڏجي، ۽ پوءِ ٻئي ڏينهن ڪڍي مارجي.
* جهنڊ واري ٻار کي گهر ۾ اڪيلو نه ڇڏجي. ڪونه ڪو گهر جو ڀاتي سندس ڀر ۾ ويٺو رهي.
* جهنڊ نه لٿل ٻار کي گهر مان ٻاهر نه ڪڍجي، بلڪ رات جو ته اصل گهر کان ٻاهر نه ڪڍجي.
* جهنڊ واري ٻار کي درياءَ، واهه، يا پاڻي تان نه ٽپائجي.
* جهنڊ واري ٻار کي مسجد، مقام يا ڪُري جاءِ وٽان ڪٽي نه لنگهجي.
* ٻار جي موجودگيءَ ۾ ”جن“ جو نالو نه وٺجي.
* ٻار جي جهنڊ لهرائڻ لاءِ ڪنهن ٻه وليءَ تي ٻنان ٻاس ٻاسڻ جي نه وڃجي، نه ته ٻار کي نقصان رسندو.

## ڏاوڻ ويڻ.

ٻار جڏهن پنڌ ڪندو، تڏهن ”ڏاوڻ ويڻ“ جي رسم ڪندا. ان موقعي تي ڪُنّي (پوري) ورهائين، ۽ مٿائي آٽي

---

(۱) محمد پناهه قرزو، تعلقو ڪنڊيارو.

وٺي ٽڪرو ڀڃندو، ۽ ٻار ۾ پويان ڏڪ ٻائي ڀڃڻ جي ڪندو، انهيءَ ڏوڙ ۾ مامي کي پوئتي نهارڻ جي منع آهي. جي پوئتي نهاريندو ته ٻار ڏڇٽو ٿيندو. جي مامي ڀڃڻ ۾ ٿاپا کاڌا ته ٻار ۾ پيو ڏڪا کائيندو. جي مامو ٽڪرو ڀڃي هليو ويو ته ٻار ۾ ڀڃڻ جو ٽڪو ٿيندو (١).

هميشه پٽ جا ڏاوڻ وڍيندا آهن مي ۾ سندس مامو وڍيندو. ڏيءَ کي ستين مهيني کچ تي کٽن، ڏيءَ جا ڏاوڻ ۾ ڪونه وڍين.

تنيا ۽ ڪلهوڙا قوم ۾ رواج آهي ته: ٻشري ٻاٽ جي هيٺان رکي، اڻ تي ٻار کي ويهاري، سندس چنگهن ۾ سنٽ جي رسي وجهي، مامي کي گهرائين، جيڪو چوندو ته ڏاوڻ ڪپيان؟ ٻار جي ماءُ جواب ڏيندي ته پلي ڪپ. پوءِ مامو ڇُري سان اها رسي ڪپي، تورو ڏوڙي وري اچي ٻشري کڍي کائيندو (٢).

طهر.

طهر، ڇوڪري ڪان وٺي بالغ ٿيڻ واري عمر تائين ڪرائين ور گهڻو ڪري پنجن سالن ڪان ڏهن سالن جي عمر ۾ ڪرائين. ان موقعي تي عام طرح راڄ کي سڏ ڏيئي، پٽ ڪري، طهر وڏي ٺٺ ٺانگر سان ڪرائين. البت ڪي غريب ماڻهو اهڙي موقعي تي صرف ڪارڪون ورهائي رسم پوري ڪن.

طهر جي تاريخ مقرر ڪرڻ کي "ٺٺ" ۾ سڏين. مهينو کن اڳ ٺٺ مقرر ڪري راڄ جي ميراثين (زالن ۽ مردن)

---

(١) ۽ (٢) غلام رسول جتوئي، تعلقو وارهه.

* ٺهر ڪان واندو ٿي حجم وڌلو ڪٽي ڳهور وٺي ٻوڙ اهو وٽو ٻہ ڀاڱا ڪٽي.

* ٺهر ڪان پوءِ مٽ مائٽ چوڪر لاءِ ڪيهہ ڪڙنديون ٻنسريون ڏين.

* ٻار ڪي ٺهر ڪان اڳ ڪپڙا ڀارائڻ ڪان پوءِ هٿ ۾ ڪاتي ٻہ ڏين.

* مٺائي، وڏيري مائيءَ هٿان ورهائين ۽ ان جي عيوض ڪيس رٺو ڏين.

* ٺهريل ٻار کي ٻنسرين جا ڪٽنا ڪاڻي ڪونہ ڏين.

* مڏ تي ايندڙ مائٽ مبارڪي جا ٻسا ڪاج وارن ڪي ڏين، باقي ٻي ڳهور حجم ڪٽي.

* ڪن قومن ۾ ٺهر واري موقعي تي تيل، مساڳ ۽ ڪينڙو ٻاڙي ۾ ورهائين.

# باب چوٿون

## مڱڻي کان پرڻي تائين رسمون

جڏهن ڇوڪرو لائق ٿي ڪُٺ ڪمائڻ جهڙو ٿيندو ته، ماءُ پيءُ کي هورا کورا لڳندي ته جلدي اميدون پسجن ٿي ڪيس ونيءَ وارو ڪجي، ڇاڪاڻ ته ڇڙي ڇانڊ کي هرڪو اوٺيو ڀانئي. پنهنجي گهرتڙ وارو، ڀائرن جو ڀاءُ ٿي نيائين ۽ آڻڻ جهڙو پرلي کان پوءِ ٿئي.

سڱاوتي ڪرڻ وقت اول ڏاڏاڻ ۾ ڏسن. جيڪڏهن چاچي جي ڌيءَ هجي ته پوءِ وڏي چاهه سان ڪنندا، پر جي آتي واهه نه ڏسن ته پوءِ نهارين ناناڻ ڏانهن. جي آتي به ڪو آڪلاءُ نه ٿئي ته پوءِ سيرڪندا شريڪن ڏي، جيتي گهڻو ڪري ”بدي“ (ڏي وٺ) تي سڱاوتي ٿئي. بعضي اهڙا مڱ ڏوبدو جي بدران ڦيرائي به ڪن، پر جي وٽن ڪا نياڻي آڇڻ لاءِ نه هوندي ته پوءِ ٽڪي ٽڪر تي سڱ ڪرڻ کان به ڪين ڪُسن. جيڪڏهن ٽڪن تي به ڪو ڪنوارو پار ته مليو ته پوءِ ”ڦلاولدي“ يعني رنڊ زال به قبول ڪندا. مطلب ته جي گهوٽ جو ڀاڳ پلو هوندو ته مڻ مانڻ مان، ڪٿان نه ڪٿان اڏجي ويندو، نه ته ڏٺون ڏڪجي وڃي ڏارين ۾ ڪيرندو (١).

سڱ جي کولا ڪرڻ وقت ڪنوار ۾ جن ڳڻن جو هئڻ ضروري آهي، تن لاءِ هن ريت پسندي جو اظهار ڪيو ويندو:

---

(١) ولي محمد طاهرزادو، تعلقو ٽنڊو الهيار.

جيترو سرّي سگهندا، روڪ پئسا پنهنجي نئين سيڻ جي هٿ تي رکندا.(١)

چيچ. مڱڻي جي ڏينهن تي گهوٽيتا، زالين مڙسين چيچ ڪري، سچ لئي ڪان پوءِ ڪنواريتن ۾ ويندا. مڱڻي ۾ عام طور برادر ڪي ڪوٺ ڪن. ڪاج ننڍو جو هوندو ته پوءِ زالون ۽ مرد جدا جدا چيچ ڪري ويندا، پر جي پري جو ڪاج هوندو ته پوءِ زالين مڙسين چيچ ۾ گڏجي ويندا. ڪنوار کي جيڪي ڏيٺو يا اوڍائڻو هوندو، اهو سامان هڪڙي ڪاري ۾ وجهي، سهاڳڻ زال جي سٿي تي کڻائي هلندا.

پوتي. مڱڻي ۾ ڪنوار کي گهوٽيتن طرفان جيڪا پوتي وڌي ويندي، تنهن سان گڏ گهوٽيتا پڇنديءَ آهر پيو سامان به ڏيندا. عام طرح ڪنهن ڪپڙن جو وڳو، کير-منڊي ۽ ويڙهه ڏين. پوتي جيڪا اوڍائين، تنهن جي پلاندن ۾ مصري، ڦوٽا وغيره ۽ ڪجهه رپيا ٻڌل هوندا. پوتي عام طرح چنيي يا ڪنهنبي حلوائڻ جي ڏين.

ملير يا لونگي: گهوٽ چني ۾ پهچندو ته ڪنواريتن طرفان هڪڙي ٿالهه ۾ مٺوڙي سان گڏ لونگي يا ملير کڄي ايندي، جيڪا ٻاڪر طور گهوٽ کي ڪلهن ۾ اوڍائيندا.

مٺوڙو. ڪنواريتن طرفان گهوٽ لاءِ ملير سان گڏ موڙو کڄي ايندو، جيڪو رسم پوري ٿيڻ بعد موٽي اچي راڄ ۾ ورهائيندا. مٺوڙي ۾ مصري، ناريل، پتاشا ۽ ڪارڪون ٿين:

---

(١) لغارين جون رسمون: سومرخان لغاري، تعلقو سنجهورو.

چانڊين ۾ جيڪڏهن ڪنوار جو گهر پري هجي ته گهوٽيتا ڇيچ ڪري آتي وڃن. آتي شام يا فجر وقت راڄ سڏي، ڪنوار جو نڪ ٽوپين ۽ ٽي ڪپڙا ٻه ڏين. ان کان سواءِ ڪنوار کي ڪير-منڊي ۽ ويڙهه ٻه پارائين. ڪنوار کي ڪپڙا ڪنهبا ڏين. مگڻي تي ٻڪي ڪونه ڪن. چاچين کي ماني گهوٽيتا کارائين. مگڻي مهل گهوٽ کي ڪنواريتا ريٽو ڏين. گهوٽيتا صرف مٺائي ورهائين. بعضي نڪاح ٻه مگڻي وقت وجهن. هن موقعي تي سهرا ڪونه چون، باقي دهل کي وڄائين ته کي ڪونه وڄائين (١).

ڪلهوڙن ۾ راڄ ميڙي ڪنواريتن وٽ اچي ۽ پوءِ سهرا ڳائي ڪنوار کي مگڻي جا لٽا ڏين. لٽن ۾ سائو چولو، ڳاڙهي سٿڻ، ڳاڙهو رئو ۽ جُتي ٻه آڻين، جيڪي ڳوٺ يا راڄ جي چڱي مڙس جي زال ڪنوار کي ڍڪائي. مگڻي واري ريٽي جي هڪ پلئه ۾ مصري، ٻئي پلئه ۾ ڇُهارا، ٽئي ۾ ميندي ۽ چوٿين پلئه ۾ سوا رپيو ٻڌن. چانديءَ جي ڪير-منڊي ۽ ويڙهه ٻه ڏين ۽ پوءِ نٿ ٽوپين. جيڪڏهن نڪ اڳ ئي ٽوپيل هجي ته ان ۾ ڪائي وجهن. نٿ ٽوپڻ کان پوءِ مٺائي ورهائين. مگڻي وارا ڪپڙا اڪثر ڪنوار چوڙي چڏي (٢).

تُنين ۾ مگڻو ۽ نڪاح عموماً گڏ ڪن. رات جو نڪاح پڙهائين ۽ صبح جو مگڻو ڪن. مگڻي تي راڄ کي سڏ ڏين. ڪنواريتن ڏانهن وڃڻ لاءِ ڪوبه دهل وغيره ڪونه ڪن. ڪنوار لاءِ سائي سٿڻ، ڳاڙهو چولو ۽ ڳاڙهو رئو، ۽ ڪير-منڊي ۽ ويڙهه آڻين، جيڪي چڱي مڙس جي زال ڪنوار کي پهرائي. ڪنواريتا وري ان موقعي تي گهوٽ کي ريٽو ڏين. آخر ۾ مٺائي ورهائين (٣).

---

(١)-(٣) غلام رسول جتوئي، تعلقو واره.

هڪ هڪ ڪري ڪوليندا ويچو، جڏهن باقي هڪ ڳنڍ وڃي بچي، تڏهن اوهان کي پهچڻو آهي. اهڙي طرح سان سڀ مقرر ڏينهن تي اچي پهچندا. باقي بچيل هڪ ڳنڍ آخر تائين نه ڪوليندا. ان کي ”آمر ڳنڍ“ چون ۽ ان کي ڪولڻ خراب سوڻ سمجهن (١).

راجپوتن ۾ جڏهن ڇوڪري جي شادي ڪرائڻ جو خيال ڪن تڏهن گهوٽ جو پيءُ برهمڻ کان لڳن پڇندو. جڏهن هو ڪو مبارڪ ڏينهن ڪڍي ڏيندو، تڏهن هڪ خاص ماڻهو ڪنوار جي مائٽن ۾ موڪلندا، ميڪو مهورت جي تاريخ ٻڌائي. ڪين وهانءَ بيهارڻ لاءِ چوندو. جيڪڏهن ڇوڪريءَ جا مائٽ تيار هوندا ته پوءِ هاڪار ڪري ”مٿنه ڪوڙ“ جو باب روڪ وٺندا (اها رقم ٽڪرن ۾ ويهن رپين کان ٻه سؤ رپين تائين ڏيندا وٺندا.) انهيءَ رقم وٺڻ کان پوءِ ٻنهي ڌرين کي وهانءَ جي پڪ ٿيندي ۽ ٻئي ڌريون تياري ڪنديون.

چارڻن ۽ ڀجيرن ۾ به ساڳيو دستور آهي.

سونهڙن ۾ فقط ويهه رپيا مٿنه ڪوڙ جا ڏين، جيڪي آخرين ڏيتي ليتي وقت ڪنواريتا گهوٽيتن کي مجرا ڏيندا. انهن قومن ۾ مٿنه ڪوڙ (رقم) ڏيئي اچڻ بعد گهوٽيتا، لڳن يعني شاديءَ جي تاريخ ۽ وقت برهمڻ کان لڳائيندا. اهو لڳايل لڳن ”ٻريءَ“ يا ”پڙلهي“ سان گڏ ڪنواريتن کي ڏيندا.

مهشورين ۽ برهمڻن ۾ ٻڌي جي رواج هيٺ ڪري شاديءَ جي تاريخ مقرر ڪرڻ لاءِ ٻئي ڌريون پاڻ ۾ ٺهرائي ڪنديون. پوءِ مڱڻ جا مائٽ ٺهراءُ موجب مندر ۾ وڃي برهمڻ کان لڳن لڳائين. لڳن لڳائڻ جو دستور هن طرح

(١) هريجن جون رسمون: رائچند هريجن تعلقو ڇاڇرو.

پنج ٻڪيون پيهي، هڪ ڇهارو ڪائي، اهو پيئل ۽ اَڻ پيئل اَن لنگهي ڪي ڏين (١).

ڪوهستان ۾ وناهه ٻڌڻ ڪان پوءِ "ٻڪيءَ" جي پـَر پوري ڪن. هن رسم ۾ زالون، جنڊ جي ٻڙن، ڪـِير، هـَٿيڙي ۽ مڪڙيءَ کي ڳاڙهي رنگ جا ليڪا ڪڍي، پوءِ انهن ۾ ڪڻڪ پيهن ۽ ان سان گڏ گيچ ٻه چون (٢).

لاڙ ۾ هن رسم جي ادائگي هن طرح ڪن: ست سهاڳڻيون، ست مهريون هڪڙي گنديءَ ۾ مـُنيي وٽان ٻڌي، هيڊو رنگ ڏيئي چانورن تي رکن. پوءِ اهي سهاڳڻيون پـڌل مهرين جي منيي ڪان جهلي چانور ڇڙين. ڇهه ست مهريون هٽي، اهي ڪولي جدا جدا ڪن ۽ پوءِ هڪ هڪ ڪري نينگهه ۾ هٽن. ساڳئي وقت گيچ ٻه چون. لاڙ ۾ ٻڪي، وناهه ڪان پوءِ ڪن (٣).

هريجنن ۾ ٻڪيءَ جي رسم هن طرح ٿئي: پنج ڪنواريون ڇوڪريون، پنج مهريون آکرين ۾ وجهي جهلي ويهن. پوءِ ٻاجهريءَ جا ننڍا لولا پچائي، ڳڙ جي پاڻيءَ ۾ ٻوري گيهه سان مکي، پيلي ست جي ڌاڳي ۾ پنج پنج لولا پـُوئين، جنهن کي 'ڇـُـڳو' چون. پوءِ هرڪا ڇوڪري مهريءَ سان گڏ هڪ هڪ ڇـُڳو جهلي ويهي ۽ زالون گيچ ڳائين. جڏهن گيچ پورو ٿئي، تڏهن اهي لولا ڌاڳي مان ڪڍي، ٽڪر ٽڪر ڪري ٽانـُوَ ۾ وجهي، زالن ۾ ورهائين. جيڪي زالون ٻڪيءَ ۾ نه آيل هونديون، انهن کي ٻه گهر ڏياري موڪلين. پوءِ مهريون ڪڍي رکن ۽ آکرين وارا داڻا ڪڍي، ان جا ٽي حصا ڪن - هڪ گرڙي کي ڏين، ٻيو

---

(١) غلام رسول جتوئي، تعلقو واره.

(٢) محمد عرس سمون، نئين زندگي، ماهه آگسٽ ١٩٥٧ع.

(٣) محمد سومار شيخ، تعلقو بدين.

ڪري ڇڏيندي. پر هو الله سنواربون زوريءَ ڪيس ڇڏائيندبون، نه ته آگربون پري سندس ڳلن ۽ منهن تي ٽڪي ڇڏيندبون ۽ رؤنشا ڪندبون. ان سوڻ بعد ڪنوار جا ويڙهيل مينڊا چوڙي ڇڏيندبون(١).

شاديءَ کان ست ڏينهن اڳ "وَنَهه" (وناه، ولواه) جي رسم ٿئي. ڪپڙي کي به اڪيون ڪيدي، ان تي زري وغيره جو پرت پرين. ان سان گڏ پڙو به ڪٽن. پڙي ۾ هڪ وڏي ڪاري ڪٽن، جنهن ۾ وناهه سان گڏ ڪنوار جي ضرورت جو پيو سامان به ڪٽن. جيئن ته: سينگار جو سامان، پيڻي، ستيون ڦڪيون، مٺو، ڪڙو ۽ سرهو تيل، ڪنوار جي ڪاڏي لاءِ پوڪاڙو، حاوو، مٺائي، گيهه ۽ ماکي وغيره. پوءِ اهو پڙو، دهلن دمامن سان گهمائي ڪنوار جي گهر ڪٽي اچن.

اکيو پڏڻ کان پوءِ ڪنوار کي گهر جي هڪ ڪنڊ ۾ ويهاري ڇڏين ۽ ڪيس ڪو به ڪم ڪار ڪرڻ ڪون ڏين. اهڙيءَ طرح پنج، ست يا جيڪي به ڏينهن ڪنوار وناهه ۾ ويٺل هوندي، ڪيس ڪاتيءَ وڍيو (گوشت، مڇي، پلو وغيره) ڪون کارائين، صرف گيهه ڪنڊ واري ماني يا ڪني ۽ پسيا مال مليدا کارائين. وناهه جي ڏينهن ۾ ڪيس پيڻي به لڳائين. پيڻيءَ ۾ ميدو، مرداسنگ، مَجِٺَ، ڪيسوڦل ۽ ٻيون خوشبودار شيون گڏائين. پيڻي گهڻو ڪري رات جو لائين، پر ڪي صبح ۽ شام جو به لائين. انهيءَ لاءِ خاص حجامڻ مقرر ٿيندي، جيڪا وناهه جي ڏينهن ۾ ڪنوار جي هر طرح سان پرگهور پئي لهندي. ان ڪري انهن ڏينهن ۾، سٺين ڪاڏن ۽ خدمت چاڪريءَ جي ڪري ڪنوار ڪافي تندرست ٿي ويندي ۽ پيڻي ملڻ جي ڪري

---

(١) ماهنامه "شاعر"، رفيق حيات نمبر، سن ١٩٥٧ع تان ورتل.

## گھوٽ کي وناھ ۽ ويھارڻ

سنڌ جي خصوصاً ٿر ۽ آتر جي ڪن قومن ۾ گھوٽ کي به وناھ ۾ ويھارين. گھوٽ کي وناھ ۾ ويھارڻ جون خاص رسمون ”ٿيلاڙو“، ”وناھ“ ۽ ”آھينيَر“ آھن، جن جو تفصيل ھن ريت آھي:

وناھ جو عرصو. آتر ۾ شاديءَ کان ھڪ ڏينھن اڳ گھوٽ کي اٺ پھر وناھ ۾ ويھارين. ٿر جي مينگھواڙن ۾ پنج، ڇھ، يا ست ڏينھن به گھوٽ کي وناھ ۾ ويھارين.

ٿيلاڙو. وناھ ۾ ويھارڻ لاءِ کان اڳ گھوٽ کي منجيءَ تي ويھاري، سھاڳڻيون ڳالھون ۽ مائٽياڻيون، ما کي ۽ سُرھي تيل مان آڱريون ٻوڙي سندس پڳ تي مکين ۽ ڪپھ جي ڦوٽين مان ڦُڙا ڦٽي سندس مٿي تي آڇلين، جيڪي گھوٽ چونڊيندو.

وناھ. ٿيلاڙي مان کان پوءِ گھوٽ کي ڏنڊڻ، تسبيح ۽ ڪاتي ھٿ ۾ ڏيئي، ڳاڙو ٻڌي ڪنھن محفوظ ھنڌ تي ويھاري ڇڏين، جيئن مٿس ڌارئين ماڻھو جي نظر نہ پوي.

آنھيَرُ. گھوٽ سان ھڪ ويجھو عزيز ”آنھيَر“ يا ”آھنَرُ“ طور گڏ ھوندو ۽ کيس اڪيلو نہ ڇڏيندو. انھيءَ حالت ۾ گھر کان ٻاھر نڪرڻ وقت کيس منھن تي موڙ به ٻڌن.

انھن سمورين رسمن بابت سنڌ جي مختلف حصن مان مليل تفصيل ھيٺ ڏجي ٿو:

گھوٽ کي شاديءَ جي رات، جنھن کي ”سَرور يا مينديءَ جي رات“ بہ چون، وناھ ۾ ويھارين. کيس ماکي

* ڇانھ يا ڪاڏي ۾ ڏاتورو يا ٻي ڪا نشيدار شيءِ وجھي ڪارائڻ.
* رنگ ھارڻ.
* ڪپڙن تي گاسليٽ يا تيل ھارڻ.
* ڇني ۾ سخت اوندھ ڪري ڇڏڻ.
* ڇاڇين مان خاص اڪوائن کي، جيڪي نوجوان ھجن، ھر ۾ ٻڌي ٻہ-ٽي اوڙون ڪيائڻ يا گڏھن تي چاڙھي گھمائڻ ۽ پويان "اھو اھو" ڪرڻ.
* برسات جي مند ۾ ڇاڇين کي جھلي ويجھي ترائي ۾ آچلائڻ ۽ گوتا ڏيڻ.
* مرچ ٻہ-ي، حقي ۽ ٻيڙين ۾ وجھي ڇڏڻ يا ڇني اندر ڇتني ڇڏڻ.
* جتيون لڪائي ڇڏڻ.
* ڦڪي ماني ڏيڻ يا ماني ۾ ھيڪاندو لوڻ وجھي ڏيڻ.
* ڇاڇين مان ڪن شرارتي جوانن کي جھلي مندن پٽن تي بار ٻڌي، پوءِ کين گڏھن وانگر ڪاھڻ.
* ھنڌن ۽ وھاڻن ۾ ڪنڊا ۽ ڇچڙ وجھي ڇڏڻ.
* بي خبريءَ ۾ ڇاڇين جا ڪپڙا ھڪبئي سان، يا رڪيل ٽپڙن سان سبي ڇڏڻ.
* ننڊ جي حالت ۾ ڇاڇن جي منھن تي ڪارٺ مکي ڇڏڻ.

اھي سڀ جتيون ۽ مذاقون ڄڃ اچڻ جي وقت کان وٺي صبح جو نڪاح پڙھڻ تائين ڪن (١).

ڪيھڻ چنڊڻ. ڄڃ جي مقرر ھنڌ تي اچي وبھڻ بعد، ڪنواريتن طرفان ڪي ماڻھو اچي گھوٽ کي وٺي وڃن، ۽ جنھن گھر ۾ ڪنوار وناھ ويٺل ھجي، ان جي ٻاھران

---

(١) محمد عمر "معمور" يوسفاڻي (تعلقو عمرڪوٽ).

تعلقي بدين طرف مـوڙ پڌڻ کان پوءِ گهوٽ کـي سندس عزيز ياليون ڇني ڏانهن وٺـي وڃـن، جتي راڄ جا ماڻهو ۽ راڄ برادر جـو پريو مڙس موجود هوندو. گهوٽ ڇني ۾ اچي ڪپڙا پائي، جيڪي ڪيس ڳوٺ جو پريو مڙس پارائي. ان مهل جيڪا گهور پري سا گهوٽ کٽي.

گهوٽ کي پڳ ٻڌائڻ مهل پائرن کان موڪل وٺن. پڳ جو پهريون ور مرشد يا راڄ جو چڱو مڙس ڏئي، پوءِ گهوٽ پاڻهي ٻڌي. ان مهل زناني مـارڪـي ۾ زالـون ڳيچ ڳائين (١).

تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ نڪاح کان پوءِ جيڪين حجام گهوٽ کـي ڇني ۾ وهنجاري، تيسين زالون گهوٽ جا ڪپڙا ڳائي وڃائي ڇني ۾ کٽي اچن. جيسين گهوٽ پيو وهنجندو، تيسين اهي به پيون ڳيچ چونديون. آخر گهوٽ وهنجي اچي ڪپڙا پهري. ان وقت به زالون ڳيچ چونديون، پر هر ڪپڙي (سلوار، قميص، پٽڪي وغيره) لاءِ جدا جدا ڳيچ چون. گهوٽ جـي شاديءَ جي وڳـي کـي "سروپا" به چون (٢).

تعلقي ڪنڊياري جي سماٽن ۾ گهوٽ وهنجڻ بعد ڪپڙا پهري. اول ڪاڇ پائي، ان بعد گنجي، قميص ۽ پٽڪو. پٽڪو پاڻ ڪونہ ٻڌي، پـر ان جو پهريون ور مرشد يـا چڱي مڙس کان ڏيارين، پوءِ هو پاڻ ٻڌي. آخر ۾ جتي پائي. لٽن پائڻ وقت زالون سهرا چونديون رهن (٣).

تعلقي وارهه طرف ميربحرن ۽ ٽنين ۾ گهوٽ جو وڳو هن طرح ڪن: اچي چادر جي گوڏ، پٽڪو ڳوٽريءَ سان (ڳوٽري پرت پريل ۽ ٽڪون لڳل، جنهن ۾ لڱنگ، ڦوٽا،

(١) محمد سومار شيخ (تعلقو بدين). (٢) ولي محمد طاهرزادو (تعلقو ٽنڊوالهيار). (٣) محمد پناهہ ڦرڙو (تعلقو ڪنڊيارو).

ڪنوار جي ڪپڙن جو ذڪر هن ڪان اڳ ٿي چڪو آهي، تنهنڪري هتي فقط ڳهن جو تفصيل ڏجي ٿو:

وارن جا ڳهه: سينڌ ڦل، چوٽي ڦل.

نرڙ جا ڳهه: آلي، ٽيڪو.

ڪنن جا ڳهه: واليون، والا، ڪيوٽيون، جهومڪ، ڏُر يا ايرينگ، ڦُل ۽ نسبيون وغيره.

نڪ جا ڳهه: نٿ، بولو، بينسر، ڦُلي يا ڦُاڙي، ڪوڪو.

ڳچي جا ڳهه: ڏُهري، هَسُ يا هسي، ڪنٺال، تعويذ يا تائيت، طوق، لونگ، هار، سونڙيون (ڪن ڪوٺي ۽ ڏند ڪوٺي).

ٻانهن جا ڳهه: ٻانهين، پَنُچون، ڪنگڻ، ٻانهوٽيون، ڪنگٺيون يا چوڙيون، ٻازوبند، منگليون.

پيرن جا ڳهه: آٺ-رٽ، پير منديون، پازيب، ڪڙيون، چيڙ، ٽوڙها.

انهن ڳهن مان هرڪو ماڻهو پنهنجي حيثيت موجب ڪنوار کي ڳهه پارائي، پر ڪي شاهوڪار ته ڪنوار کي نُنهن ڪان چوٽيءَ تائين ڳهن سان جهنجهي ڇڏين. ننهن کان چوٽيءَ تائين ڳهن جي سڄي مجموعي کي "ساهه" چون. جيڪڏهن ڳهه چانديءَ جا هجن ته "روپي ساهه" چون، پر جي سونا هجن ته "سوني ساهه" چون.

ڪن قومن ۾ وري ڪي خاص ڳهه پائين، ۽ ڪن قبيلن ۾ وري ڪن ڳهن پائڻ جي منع آهي، جهڙوڪ "نٿ". هيٺ ڪن قبيلن ۾ جيڪي ڳهه پائڻ ۾ اچن، تن جو تفصيل ڏجي ٿو.

* گڏهہ جي لِڏ ڪٽي سيج وڇائڻ واري هنڌ هيٺ رکن.
* گهوڙي جا سنج ڪَرائي، انهن تي ڪنوار کي ويهارين.
* تڏي جي هيٺان زمين ۾ ڪَڏ ڪوٺي، ان ۾ ڪڪڙ جا آنا پورين.
* ڪنوار کي ڪلف ۽ ڪُنجي ڏين ته ويٺي ڪُنجيءَ سان ڪلف ڏئي ۽ لاهي.

ڪلهوڙن، سهتن، راڄپرن، کهانگهرن، آچٽن، ابڙن ۽ ڦَرڙن وغيره ۾ وري هي سانگ ڪن:
* گهوٽ جا لٿل ڪپڙا ڪٽي اچي ڪنوار کي پارائي وري جهٽپٽ لاهارائي وٺن.
* اَٽ جو نڪيل آٽي ڪنوار جي پرسان پورين.
* ڪنوار کان رات جو ست ڏيئا اڏي جا ٺهرائي، تهل وجهي پارائين.
* ٽامي جو پئسو آڪريءَ ۾ وجهي، ڪنوار کان مُٺري سان ان آڪريءَ ۾ پيل پئسي کي ست ڏڪ هڪ هٿ سان ۽ پنج ڏڪ ٻئي هٿ سان هٽائين (١).

تعلقي خيرپور جي سماٽن ۾ زمين ۾ فوٽ کن ڪَڏ ڪوٺي ان ۾ ڪڪڙ جا آنا، گهوڙي جو نيـَر ۽ اغام وجهي، ان جي مٿان تختو رکي، ان تي تڏو وڇائي، مٿانئس سَوَڙ وغيره رکي نرم وڇائو ڪن. انهن شين رکڻ جو مطلب اهو ڪين ته گهوٽ ڪنوار تي ائين آرو ڪندو جيئن ڪڪڙ آنن تي ڪندي آهي، ۽ جيئن گهوڙو اغام ۽ نير ۾ قابو هوندو آهي تيئن گهوٽ، ڪنوار جي حڪم ۾ قابو هوندو (٢).

---

(١) محمد پناهہ ڦرڙو (تعلقو ڪنڊيارو). (٢) رحمت الله ولدبير (تعلقو خيرپور).

ٻوڙارڪر جي سمائن ۾ شاديءَ جي سڀني رسمن رواجن کان پوءِ گهوٽيتا ڳوٺ ڏي ورڻ جو سعيو ڪن. ڪن ڪن هنڌن تي پنج ست راتيون ۽ ڪن ڪن هنڌن فقط هڪ رات گهوٽ ساهرن ۾ ترسي؛ پر ڪن هنڌن ته گهوٽ لڪاچ ۽ شام جي سوٽن سائن بعد اصل ڪين ترسي ۽ ٻهرين رات ئي ڪنوار وٺي ڳوٺ پهچي. موڪلائيءَ کان اڳ ليکيڻيءَ جي رسم ڪن. نيکيڻيءَ مهل ڪنواريتيون، گهوٽ ۽ ڪنوار جي ڪپڙن جا پلوَ ٻڌي، ڪين پاؤ ڏيئي آهستي آهستي ڳائيندي دروازي تائين اچن، جتي سندن سواريءَ جو بندوبست اڳواٽ ٿيل هوندو(١).

نيکيڻي، ليکيڻي

شادي جي جملي سائن سوٽن ۽ رسمن پورين ٿيڻ بعد گهوٽيتا، ليکيڻيءَ جون رسمون ادا ڪري، ڪنوار کي پنهنجي گهر وٺي وڃڻ جي تياري ڪن. جيڪڏهن ڇيج پرانهين پنڌ جي هوندي ته، ڪن حالتن ۾ هڪڙي رات ڪنواريتن ۾ وڏيڪ رهن. اها رات پڻ زالون مارڪو ڪنديون. جيڪڏهن ساڳئي ڳوٺ يا شهر جي هوندي ته، پوءِ گهوٽيتا ڪنوار کي وٺي پنهنجي گهر اچن ۽ نيکيڻي جي رسم آتي ڪن. ڪنوار کي رات جو ئي وٺي ڇيج واپس موٽي، ۽ ڪنوار کي گهوٽ جي ٻئي ڪنهن مائٽ جي گهر ۾ ويهاري پنج لائون ۽ پنج سٽڪون ڪري، ساهرين گهر وٺي اچن. سنڌ جي جدا جدا هنڌن تي ليکيڻيءَ جي رسم بعضي ڪنواريتي گهر ڪن، بعضي گهوٽيتا پنهنجي گهر وڃي ڪن.

هن رسم بابت سنڌ جي جدا جدا هنڌن تان مليل روايتون هن بعد شامل ڪجن ٿيون:

---

(١) محمد عمر "معمور" يوسفاڻي (تعلقو عمرڪوٽ).

ڪنوار کي گهوٽيتن مان ۽ گهوٽ کي ڪنواريتن مان موڙو ملي. تعلقي وارهه ۾ "موڙي" کي "منهن ڏسائي" به چون.

## لاڳ

جڏهن شاديءَ جي سانن سوٽن ۽ ڪمن ڪارين کان سيئي آجا ٿين ته پوءِ هرڪو پنهنجي گهر وڃڻ لاءِ تيار ٿئي. ڪاج وارا، ڪمن ڪارين وارن ماڻهن، جهڙوڪ: لنگهن، حجامن، پخالين، ڪنڀرن وغيره کي پنهنجو پنهنجو پنڌاڻ ۽ بخششون ڏيئي، خوش ڪري روانو ڪن، ان کي شاديءَ جو "لاڳ" چون.

## پاڪر

پاڪر، گهوٽ کي مرشد کان ملي، ان ۾ قميص ۽ سلوار هجي يا فقط چادر هجي. عام طور پاڪر پٽ جي، طور ۽ شادي کان پوءِ مريدن کي مرشد ڏيندو. مرشد کي ان جي عيوض گهٽ ۾ گهٽ ڏهه رپيا نذرانو ڏين، باقي شاهوڪار يا سرنديءَ وارا ته ٻڪري، ڏيڳي يا مينهن به ڏين (١).

## ڏوٿيٽو

شاديءَ کان پوءِ راڄ جا ميربحر هڪ ٻه پلو يا مڇي ڪٺي اچي گهوٽ جي اڳيان تحفي طور رکن، جنهن کي "ڏوٿٽو" چون. ڏوٿي جو مٺڙو کولي ڏين، پر ان جي عيوض گهوٽ انهن کي پنج ڏهه رپيا روڪڙا ڏئي يا بعضي ٻڪري، ڳئون، يا مينهن وغيره به ڏئي. مهاڻا يا مهاڻيون ڏوٿي ڏيڻ وقت سهرا به ڳائين (٢).

## ستاواڙو

سنڌ جي مختلف هنڌن تي هن رسم کي "ستاڙو"، "ستاوڙو"، "ستاويڙو" ۽ "ستواڙو" به چون. شاديءَ جي

---

(١) ۽ (٢) محمد پناهه ڦرڙو (تعلقو ڪنڌيارو).

ڪنوار تي ڦٽا ڪندا، جيڪي گهوٽ ڇونديندو، ۽ ڇوندا ته ”جيترا ڦل ڇونديندو اوترا پٽ ڄمندس.“ نڪيڻي کان اڳ ڪنوار کي ٻاڙي ۾ ويجهي عزيز جي گهر لاهين. نڪيڻيءَ جي رسم لاءِ ٻنهي کي ٻلهه ٻڌن. گهوٽ کي سندس پيءُ ٻلهه ڏيندي، ۽ ڪنوار کي سندس ويجهي عزيزياڻي، يا اها جنهن جي گهر کيس لاٿو ويندو.

ڪاج ڪرڻ: ڪنڀار قوم ۾ ڪاج ڪرڻ جو رواج پڻ ڪان الڳ آهي، ڇو ته پڻ ۾ پٽ گهوٽيتا ڪنواريتن ۾ وجهي ڪندا، پر ڪنڀارن ۾ وري ڪاج جو سمورو خرچ ڪنواريتن کي سهڻو پوندو. ڪاج جا چار ويلا ڪن. پهرين ويلو ٻيڻي مانيءَ جو هوندو، ۽ ٻه وقت چانهه هوندي. منهرالي ۽ ڪاپاهيءَ ۾ هن وقت ٻن ويلن ڪرڻ جو رواج پنجي چڪو آهي، ۽ ماني جي سٺي هڻڻ تي خاص زور هوندو آهي.

# باب پنجون

## مـــرڻـــو

### سڪرات

موت کان اڳ جي منزل "سڪرات" جي ٿئي، جنهن ۾ اکين ۾ پاڻي تري اچي، ڪنڌ ۾ زور ٿي لڙي پوي، هٿن پيرن جا ننهن ڪارانجي وڃن، پاڻي ڍڪ ۾ لڙيءَ مان اندر نه وڃي، ۽ ساهه ڇڪيءَ سان کڄي، يعني گهوگهري لڳي، اهي نشانيون ڏسي، سڀاڻ زالون يا مرد سهي ڪن ته شيءِ ڏٺين ڪي ٿيڻي ٿي آهي.

جيڪڏهن سڪرات گهڻو وقت هلي ۽ دم اٽڪي ته پوءِ منزل آسان ڪرڻ جا حيلا ڪندا، اهو هن طرح ته مريض تي ياسين سڳوري پڙهائيندا. ياسين سڳوري، ڪنهن پڙهيل عورت کان پڙهائيندا يا مُلّي کي سڏائيندا، جيڪو ياسين سڳوري پڙهندو.

سڪرات سولي اها چون، جيڪا ٿورو وقت هلي، ۽ مريض کي تڪليف گهٽ ٿئي، پر جي سڪرات گهڻو وقت هلي ته مريض کي تڪليف گهڻي پهچندي، جنهن کي چڱو نه سمجهندا.

### وفات

دم نڪتو ته يڪدم اچي اکيون ڪٽي مري ويل ماڻهو جي ٻنهي پيرن جي آڱوٺن کي ڳنڍي ٻڌندا ته جيئن ٺيڪ سڌيون رهن. ساڳئي اموني مان جاڙيءَ کان مٿي ڏاڙهين ٻـ

ٻاهن کان ڪپڙي جي اوٽ ٻه ڪندا ته متان ڪالڏين مان ڪو ڏسي وٺي. پوءِ قبر کي مٽيءَ سان لٽي، ٺاهي جوڙي، متان ڪجهه ٻاٽي چاڻاري، ”قُل“ پڙهي، کٽ ۽ ٻيو سامان کڻي واپس ايندا(١).

ميت دفنائڻ متعلق تعلقي وارهه جي ڪن قبيلن ۾ جيڪي وڏيڪ رسمون ادا ڪيون وڃن ٿيون، تن جو تفصيل هن ريت آهي:

جتوئن ۾ ميت کي اسقاط ۽ قرآن شريف بخشڻ کان پوءِ باقي عام رسمن موجب ميت کي دفن ڪندا.

ٿنين ۽ ڪلهوڙن ۾ دفنائڻ کان اڳ فوتيءَ کي قرآن بخشائين ۽ اسقاط ڪرائين. ڪالڏين جي موٽي اچڻ تي فوتيءَ جي در تي جنڊ رکي، ان تي ٻاٽي هاري ڇڏيندا.

چنن ۾ ميت دفن ڪرڻ بعد جيڪو ماڻهو کٽ کڻي موٽندو، ان جي اڏو ٻاٽي جو دلو هارين ۽ کٽ کي چنڊو هٽي پوءِ استعمال ڪن.

ميربحرن ۾ ڪالڏي جڏهن ميت دفن ڪري موٽن ۽ کٽ وارو ماڻهو گهر ۾ پير پائيندو ته ان جي اڏو ٻاٽي هارين(٢).

پنجيڪون

جيڪڏهن ڪو مرد، عورت يا ٻار، چنڊ واري مهيني جي پهرين کان پنجين ۽ پنجويهين کان ٽيهين تاريخ واري عرصي ۾ فوت ٿئي ته چوندا ”پنجڪين“ ۾ مئو آهي. اهي نحس تاريخون ڪري ليکين، ڇاڪاڻ ته عام خيال آهي ته ”پنجڪين“ ۾ مئل ماڻهو پنهنجن عزيزن کي ڇڪ ڪندو،

---

(١) محمد جمن بلوچ، (تعلقو ميرپورخاص).

(٢) غلام رسول جتوئي (تعلقو وارهه).

٢٢- مٿن کھڙي مار تہ کي وٺا ميهن ملير تي.

٢٣- ڀرين ڏنئي هيج، پوءِ ڳڏيئي ڳوندرين.

٢٤- ٻاڙي ۽ ٻاڙو، اڳڻ مڙوئي ھکڙو.

٢٥- ٻاڙوسيءَ روئي، چاڪ منھنجا چوريا.

٢٦- مارينڌا سيئي، جني سنڌ و آهين.

٢٧- اکين ڪين ڇيو، تڏهن رت نہ رنائون
رت نہ رنائون، تڏهن ٻيئي ڏٺائون.

٢٨- سسئي پڌو اڪيو، پنهل پڌا سوڙ
گھڙي منجھ پنهور، پنهي لائون لڏيون.

٢٩- ڏور تہ ڏوريون تن کي، پر ڏورڻ ڪان ٿي ڏور ٿيا.

٣٠- اڄ اباڻن آسري، ڪٿيو ڪين ڪيوم.

٣١- آيس اکينءَ هير، اڄ سيڪ سلامن نہ لهي.

٣٢- اڄ لکڻ واري لکيو، ڪونهي مٿيءَ جو وس.

٣٣- اڄ نڪا تڙ تنوار، نڪا ٻڪر ٻيڪ جي
ادي اڄ ڀنوار، ونڙم ڪنوڻ پاس ڪڇي.

٣٤- لکي ڳجيو، لکي ڳڙيو، وسي ميهن ويو
اوچتو آيو، سوڊو صرافن لاءِ.

٣٥- ويري ويٺم وات تي، پري وڃ وٺيون
اسان مرت وارو ٻهڙ، ڦٽو ڪيو فراق ۾.

٣٦- ويري ويٺم وات تي، پري وڃ وٺيون
اسان لاءِ ڳھٽيون، ڳهڻ ڏاڍو ڏک ٿيو.

٣٧- ويري ويٺم وات تي، وٺيون وڃ پري
سوئي سڏ ڪري، سڄڻ ڪي سيڪ مان.

٣٨- هنيو هيرڻ ٻن جان، ٿيو ڦٽي ڦارون
اسان وٽ اچئي، عزرائيل آيو اوچتو.

---

(٢٩) ڪان (٣٣) جمال رند (تعلقو سنجهورو).

(٣٤) ڪان (٣٩) علي اڪبر (تعلقو سنجهورو).

٣٩- هينئون هيرڻ پن جان، ڦٽي ٿيو قارون
اسان وٽ اوپارون، عزرائيل آيو اوچتو.

٤٠- ڦڪيءَ فرق ڪيو، مڙيا لڪ طبيب.

٤١- اوچتو آيو، تنهنجو ڦاهيءَ آتي پير.

٤٢- ڏڏو نه پاڻي، نه واءُ نه وڄنو، اهو آمڙ ٻجهي آتي.

٤٣- مارو نه ميرا، نه مارن ميرا ڪوڙا
اڻن آڏي رات جو، ڏين پٽن تي پيرا.

٤٤- مرڻي هجان ته مري وڃان، ناهي منهنجو وس.

٤٥- تيڏي قبر ڪون رڪان ٻاريان (دريون)، آتي رکان تڪن دي جاءِ

٤٦- لکن واري ليکيو، مان انگ نه ميسائيان
رڻ منهنجي وس ۾، مان روئڻون بس نه ڪيان.

٤٧- لوڪ لکيئو پيو وسي، سڀ پرائو لوڪ
لڏڻ وارو لڏيو، لڏي چڏيون جهوڪ.

٤٨- وندر سڀ ووڙيان، وندر ۾ ويهي
موت مسافر سپرين، پيا رات رهي.

٤٩- موت ماريا نه مڙون، ماريا وچوڙي
وچوڙو وڏئي ورهين جو، جيءَ ۾ جوڙي.

٥٠- سگ ساڳين هجي، ويڳين ناهي ميار
ساڳيا هجن سپرين، پيو لوڪ هزار.

٥١- ڏکن ڪي ماريان ڏونگريون، ڏک نه نيڙي آءُ
وڻ وڻ ٽنگيمي اوجهري، سوريءَ ٽنگيو ساهه.

٥٢- سانُ ڪهايم ڏک تي، سوليِنُ سيگين نال
موت ڪهاڙا رُڪ دا، ڪپس چنن ڪاٺ.

---

(٤٠) ڪان (٤٣) غلام رسول جتوئي (تعلقو وارهه).

(٤٤) ڪان (٥٥) محمد فاضل شيخ (تعلقو ڏهرڪي).

١٧- رنون هوند نہ چگيون، توڙي بادشاهہ ڏيئرون(١).
١٨- رنون رنون مَ چئو، رنون کوهہ جيئَن.
١٩- ڏمريو ڏيهہ ڏٺي، جنهن چاچا چڏايا.(٢)
٢٠- اڳڻ پائي ڪٽ، ويو پاروچو نڪري.
٢١- اڳڻ اهيئي، پر جت نہ پسان جُنوءِ ۾.
٢٢- نکي ايتر ورهہ وٺي، نکي ڪاڏم زهر ذرو
اهڙن سڄڻن لاءِ، پيان ورهہ وٺي.
٢٣- ڏونگر جيڏو ڏي، چپر جيڏي چانو
ڏونگر پيم ڍهي، ويم چپر جيڏي چانو.
٢٤- اج بغل منجهہ بندوق، ماري ٿي مرگهہ ڏنئون.
٢٥- مهارون ميَن جون، وڃي چپر چڪيائون.
٢٦- لاهيو مهاڳي ويس، اج ڏيوس ڏماڳي ويس.
٢٧- ڪلهہ ڪالهوٽي هئي، پهہ پهہ پاروچن جي.
٢٨- ايندم شهر ڏٺي، آءٌ عيبن ڪان آجي ٿيان.
٢٩- جيڪي آٿين مي پارين، اج سامُون ساڻ نيڄن.
٣٠- پاهڻ پير پٿون ڪيا، راتي رت ڪيام.
٣١- هيڪلو وڻ ڪانهلو توتي ٿڙ باري.

---

(٢١) ڪان (٣٣) الهڏنو رند (تعلقو شهدادپور).

(١) جمال رند ڪان سليل روايت:

رلون هوند نہ چگيون، رلون هونه نہ چگيون
ولن منهن سيرا، وڙلا وار سندن.

(٢) پيون روايتون:

١- ڏمريو ڏيهہ ڏٺي، جنهن اڏيا اڳڻ چڏايا
٢- رتا ڪوٽ پٽن تي، عمر اڏايا
ڏمريو ڏيهہ ڏٺي، تنهن اڏيا چڏيا.

(٢٣) ڪان (٢٤) جمال رند (تعلقو سنجهورو).

آئي! ميرين هزاري اها خان هزاري
آئي! پيرين هزاري اها خان هزاري
آئي! پاڻرين هزاري اها خان هزاري
آئي! راڇين هزاري اها خان هزاري - وغيره

صوبو سردار هو صوبو سردار هو
پٺين سردار هو صوبو سردار هو
پاڻرين سردار هو صوبو سردار هو
راڇين سردار هو صوبو سردار هو
ميرين سردار هو صوبو سردار هو
پيرين سردار هو صوبو سردار هو
جتنگين سردار هو صوبو سردار هو - وغيره

---

لاکو لکپال هو لاکو لکپال هو
پٺين لکپال هو لاکو لکپال هو
نياڻين لکپال هو لاکو لکپال هو
پاڻرين لکپال هو لاکو لکپال هو
راڇين لکپال هو لاکو لکپال هو
ميرين لکپال هو لاکو لکپال هو
پيرين لکپال هو لاکو لکپال هو - وغيره

---

آها سون ڇايا سچ وو آها سون ڇايا سچ وو
آها مائٽ ڇايا سچ وو آها سون ڇايا سچ وو - وغيره

---

سونو سرپوش هو سونو سرپوش هو
پيرين سرپوش هو سونو سرپوش هو
ميرين سرپوش هو سونو سرپوش هو

پاڻرين سرپوش هو — سونو سرپوش هو
مائٽين سرپوش هو — سونو سرپوش هو - وغيره

---

آي خان! چو ٽو چپر وڃين — چو ٽو چپر وڃين
پنهنجي وني ڇڏيو وڃين — چو ٽو چپر وڃين
پنهنجا پاڻر ڇڏيو وڃين — چو ٽو چپر وڃين
پنهنجا مائٽ ڇڏيو وڃين — چو ٽو چپر وڃين
پنهنجا راڄ ڇڏيو وڃين — چو ٽو چپر وڃين - وغيره

## عورت جا اوسارا

هلي حور مديني — هلي حور مديني
جنهن جا وارث مديني — هلي حور مديني
جنهن جا پاڻر مديني — هلي حور مديني
جنهن جا مائٽ مديني — هلي حور مديني
جنهن جو مڙس مديني — هلي حور مديني - وغيره

---

هٿي هٿي جا مارئي — هٿي هٿي جا مارئي
پاڻرن هٿي مارئي — هٿي هٿي جا مارئي
پٽن هٿي مارئي — هٿي هٿي جا مارئي
وارثن هٿي مارئي — هٿي هٿي جا مارئي
مائٽن هٿي مارئي — هٿي هٿي جا مارئي

## آخر ۾

سڀ ملهايئي مارئي — هٿي هٿي جا مارئي.

---

## ٿري هندن ۾ روج يا اوسارا*

هي اوسارا ڪنهن پيرمرد جي مرڻ تي ۽ اوسر جي رسم تائين روزانو صبح جو زالون ويهي چونديون آهن.

١- اوهي بوهي ڪوري ڪوندي جر پرجي
[ڪوري ڪوندي پاڻي سان پرجي]
٢- اوهي بوهي ميلهي سمندران ري پيٽ
[جا سمنڊ جي پيٽ (سمنڊ وٽ) موڪلجي]
٣- اوهي بوهي انڪي جامي رو ناهٹو
[اتي ان جي سنان ڪرڻ جي جاء آهي]
٤- اوهي بوهي ناهو سوئي سريز
[اتي هن اشنان ڪيو]
٥- اوهي بوهي اُي ڏويا جامي اڇا ڪپڙا
[اتي هن پنهنجا اڇا ڪپڙا ڏوتا]
٦- اوهي بوهي ليو ہارکو ليو گري مالها
[اتي مالها ۽ ہارکو ورتائين]
٧- اوهي بوهي ليو نارڻ رو نام
[اتي هن ڏٺي جو نالو ورتو]
٨- اوهي بوهي جيڪان ساڏوڙي گنگا ناهيو
[جن پڪتن گنگا ندي ۾ سنان ڪيو]
٩- اوهي بوهي جڪان نان گنگا رو سنان
[جن کي گنگا ندي جو سنان نصيب ٿيو]
١٠- اوهي بوهي سيٽي پنگوڙي ستوڪ
[گناتن ۾ موت جي خبر ٻڌڻ سان سنوڪ ٿي]
١١- اوهي بوهي انگيٺي رنو ڙين ٻهنونارين
[اگڻ تي پڻ جون زالون رليون]

---

* راڻچند هريجن (تعلقو ڇاڇرو).

١٢- اوهي ٻوهي سيٽي رلوڙي ڏيوڙين
[گناتن ۾ اها خبر پئي ڏئين رنو]

١٣- اوهي ٻوهي ٻارهان ڀتهوناريان رو سٿسرو
[ٻارهن ڀتهن جو سهرو هو]

١٤- اوهي ٻوهي ٻتريسان ڏيوڙيان رو ٻاپ
[ٻٽيهن ڏين جو ٻيءُ هو]

١٥- اوهي ٻوهي مٿي ڏيوڙيان چنوڙا ڪيس
[ڏين جي مٿي جا وار چٽل آهن، چوڻ ته ٻيءُ جي مرڻ
جو پئي، ڏين مٿي جا وار ڦٽي ڏيئي ڳتي نه ڏاهيا آهن]

١٦- اوهي ٻوهي ڀهونڌاريان اوڏيوڙا لوگڙا
[ننهن ڪي ڦاٽل ۽ ميرا ڪپڙا پهريل آهن، چوڻ ته
منهٽري جي سوڳ آهي]

١٧- اوهي ٻوهي ٻارهان ٽوٽيان رو منڌيه اڏيل
[جڏهن جيٺرو هو تڏهن ٻارهن ٽوٽين تي منهن ٺهيل هو]

١٨- اوهي ٻوهي نوي هيٺوڙا هٿيا
[جن ۾ نوي ڪاٺيون لڳل هيون]

١٩- اوهي ٻوهي اٿي جامي جي ري رهاڻ
[اتي (منهن ۾) سندس رهاڻ لڳل هوندي هئي]

٢٠- اوهي ٻوهي ٻاٿري گنوڙو گوڏيو
[جتي ٻاٿرن جو گوڏي سان گوڏو لڳل هو]

٢١- اوهي ٻوهي ٻاتڙيان ڳنوڙي زبان
[زبان سان ڪئين ڳالهيون ڪندا هئا، چوڻ ته
ڳالهائي ڳالهائي زبان گسي وئي هئي]

٢٢- اوهي ٻوهي ٻاپ جي ٻيٺوڙا ڳانڌي جي ري هاٿ
[ٻاٻو وائي جي هٿ تي ٻيٺو آهي]

٢٣- اوهي ٻوهي جوٺايان ري مٺلائين ٻاگهڙين
[نائين لاءِ ٻاڪڙيون خريد ڪري انهن جي قيمت پڇي]

٢٤- اوهي ٻوهي ڏيوڙان ري مٺلايا پومڇا
[ڏيڻ جي لاءِ چٺيون ورتيون]

زالون هيٺيان اوسارا ڪنهن ٻه مرٺي تي ويهي چون

١- اوهي ٻوهي ڏونگري ماٿي ڏوالگري
[جبل تي ننڍڙي ٽڪري آهي]

٢- اوهي ٻوهي، جيڪي مٿي چڙيا چرين روجهه
[جنهن تي روجهه ٻيٺا چرن]

٣- اوهي ٻوهي وچڙيا چرين روجهه
[چڙوچڙ روجهه پيا چرن]

٤- اوهي ٻوهي جڪان ٺان ڏيٺا ٻائي ٻورائي پڇيو
[جنهن کي ڏيءَ ڏٺاري پڇيو]

٥- اوهي ٻوهي وچڙيا ڪٿ ميلسان
[ٻاڻ جي وچڙيا آهيون، مي ڪٿي ملنداسون]

٦- اوهي ٻوهي نڪي آوان ڏيوڙي پراٺا
[اي ڏيءَ! آءٌ وري ڪين ايندس]

٧- اوهي ٻوهي نڪي جوئي واٽ
[۾ نڪا منهنجي واٽ ڏسج]

٨- اوهي ٻوهي آسي سراوڻ پدرو]
[ساوڻ ۾ ٻدو مهينا ايندا]

٩- اوهي ٻوهي جوٻا مينهان ري واٽ
[اوهين مينهن جي اچڻ جي واٽ نهارجو]

١٠- اوهي ٻوهي روجهان ٺان ڏيوڙي ٻورائي پڇيو
[روجهن کي ڏيءَ ڏٺاري پڇيو]

١١- اوهي ٻوهي ڪڏهن آسي ٻاپ ٻراڻو
[منهنجو ٻيءُ ڪڏهن موٽي ايندو]

١٢- اوهي ٻوهي ڪڏهين جوڻان واٽ
[آءُ ڪڏهن اڄڻ جي واٽ نهاريان]

١٣- اوهي ٻوهي موريو سوهي وڻ ڏار
[مور پکي سڀئي وڻن جي ٽارين تي ويٺا آهن]

١٤- اوهي ٻوهي هيڪ نه موريو ماڻڪو
[مگر هڪ انسان نه آهي]

١٥- اوهي ٻوهي ٻيو ماڻڪي رو ڏڪار
[هن دنيا ۾ انسان جو ڏڪار پيو آهي]

١٦- اوهي ٻوهي لڏي گيا لوهار
[اهي لوهار لڏي هليا ويا]

١٧- اوهي ٻوهي لوهارئي ڳاڏو هانڪيو
[لوهارن ڳاڏو ڪاهيو]

١٨- اوهي ٻوهي ڳاڏو جائي ٻيو ڏورا
[ڳاڏو ڪاهي ٻري اڪري ويا]

١٩- اوهي ٻوهي ڏاڏاڻي ري چوونٽي
[وطن جي ريلن ۾ چؤواٽن تي]

٢٠- اوهي ٻوهي اوگيس ڪير کجورا
[ڪرڙ ۾ کجورن جا وڻ ايرن ٿا]

٢١- اوهي ٻوهي جي چڙهي جامين جويو
[انهن وڻن تي چڙهي بابي مٽي نهاريو]

٢٢- اوهي ٻوهي سرڳا آوين جامي تان پالڪين
[سرڳ مان بابي لاءِ پالڪيون آيون]

٢٣- اوهي ٻوهي پالڪڙين سوني سوولين
[پالڪيون سڀئي سونَ جون ٺهيل آهن]

ڪربلا جي پـڙ مان ـ ڳائندو مور ويندو مديني
راهه خدا ۾ ڏسي سر ـ ڳائندو مور ويندو مديني
گهوڙي گهوٽ چڙهيو ـ ڳائندو مور ويندو مديني.

(٩) هاءِ هاءِ شاهه، مديني موٽي آءُ!
چوچل ساريا، لڳئي نہ ڪوسو واءُ
هـاءِ هـاءِ شاهه، مديني موٽي آءُ!
هئي پائرن ساريا، لڳئي نہ ڪوسو واءُ
هـاءِ هـاءِ شاهه، مديني موٽي آءُ!
سڄڻن ساريا، لڳئي نہ ڪوسو واءُ
هـاءِ هـاءِ شاهه، مديني موٽـي آءُ
دلدل ساريا، لڳئي نہ ڪوسو واءُ
هـاءِ هـاءِ شاهه، مديني موٽي آءُ!

(١٠) اپريو جو ڏينهن ازل ٿي آيو.
ڪربلا جـي پـڙ ۾ ـ اپريو جو ڏينهن ازل ٿي آيو
آئـي نيزو ڪـوڙيـو ـ اپريو جو ڏينهن ازل ٿي آيو
هئا شـهـزادا شير وو ـ اپريو جو ڏينهن ازل ٿي آيو.

(١١) رَئي چڙهي آسمان، ملڪن ڪيو ماتام.
هاءِ لاحق ماريا شير هاءِ ـ
رئي چڙهي آسمان، ملڪن ڪيو ماتام
پـڙ جـا والـي شير هاءِ ـ
رئي چڙهي آسمان، ملڪن ڪيو ماتام
نانڍڙا مـاريـا شيـر هاءِ ـ
رئي چڙهي آسمان، ملڪن ڪيو ماتام
امـڙ مـاريـا شـيـر هاءِ ـ
رئي چڙهي آسمان، ملڪن ڪيو ماتام
مظلوم مـاريـا شيـر هاءِ ـ
رئي چڙهي آسمان، ملڪن ڪيو ماتام.

## عام مشهور اوسارن جون وراٹيون

١- آئي ٺارو ڪوڙيئون، اڄ ڪو امامن کي آهي حشر جو ڏينهن.
٢- هئي آئي وڇوڙي جي ويل، هاءِ هاءِ لاحق سيد مار يا.
٣- رئي چڙهي آسمان، ملڪن ڪيو ماتام.
٤- گهوٽ لڌيو گهمسان ٿيو، شاهہ ڪٺو گهمسان ٿيو.
٥- ڳانن ويلي ماريو صبح مردار،
هاءِ هاءِ اسان جو جيئي المدار.
٦- وطن ڇڏي وڃي سچو رڻ وسايئون.
٧- مينڌي رتڙو روئي رب کي چوان
جهولي آ خالي، پينگهو آ خالي
هئي وو آلا، لولي مان ڪنهن کي ڏيان.
٨- هئي وو الا، قاسم ماريو گهوٽ.
٩- سانئڻ سچيءَ کي ڏنئون ڏکن جو ڏاج.
١٠- ڪربلا جو ڪاغذ لکيئون مديني ڳالئ.
١١- لڏيا وڃن ٿا شير شهر مؤن.
١٢- موڙ ٻڌي سر نيزي چڙهيو، سات لٽائي سيد هليو.
١٣- سڪيلڏا سيدا، لوڏي پينگهو لولي ڏيان.

# پاگو ڊيو

# باب ڇهون

## گهرو زندگي

### گهر جي اڏاوت ۽ صفائي

گهر اڏڻ جي شروعات کان وٺي ختم ٿيڻ تائين، يعني پيڙهه رکڻ، ڇت ڇوڙڻ ۽ رهائش اختيار ڪرڻ تائين، جدا جدا موقعن تي ڪي سوڻ ڪندا آهن، انهيءَ لاءِ ته گهر ۾ امن ۽ آسودگي رهي. اهي سوڻ نه ڪرڻ ڪي بدسوڻ سمجهيو وڃي ٿو. گهر اڏڻ جي سلسلي ۾ بعض ڪم اهڙا به آهن، جيڪي نه ڪرڻ گهرجن، ڇاڪاڻ ته اهي بدسوڻ سمجهيا وڃن ٿا. هن عنوان هيٺ اهي سوڻ ۽ بدسوڻ شامل ڪجن ٿا.

پيڙهه يا بنياد جا سوڻ.

١- گهر جو بنياد کوٽي سونَ ذرو ۽ ڪهر ڪنڊ گڏي، بنياد ۾ وجهندا آهن ته جيئن آن گهر وارا سدائين سکيا ستابا هجن ۽ پاڻ ۾ کير کنڊ هجن.

٢- گهر جي پيڙهه کوٽجي ته ان ۾ چانديءَ جو رپيو، چلو يا ڪو ٻيو ۽ کير ڏڌ وجهندا.

ڇت اڏڻ جا سوڻ.

٣- گهر جي ڇت اڏجي يا ڇت چڙهي ته مٺو ڀت يا ڻاهري رڌي معصومن کي کارائيندا.

گهر اڏجي تيار ٿيڻ جا سوڻ.

٤- گهر اڏجي تيار ٿيڻ بعد پهريائين ڪتڻيي ڪن. گهڻو ڪري مٺو ڀت رڌي ختمو ڏياريـن ۽ ٻاڙي ٻتيءَ ۾ چونگي ڏين. ان بعد ٽپڙ کڻي اچي نئين اڏيل گهر ۾ ويهن.

---

(١) محمد طالب لوهار (تعلقو ٽنڊو باگو). (٢ ۽ ٣) تعلقو حيدرآباد.
(٤) محمد طالب لوهار (تعلقو ٽنڊو باگو).

ويو ته نياڻ ٿيندو، اٺھونڊ ٿيندي، بيماري ٿيندي، يا کو ٻيو نقصان پهچندو."

صفائيءَ ۽ ستائيءَ جي جدا جدا پهلوئن تي مڃيءَ سنڌ مان سوڻ ۽ بدسوڻ مليا آهن، جي هيٺ ڏجن ٿا:

مٿن ڏوئڻ جا سوڻ.

١- هڪڙي هٿ سان مٿن نه ڌوئجي، نياڻ آهي.

ڦٽيءَ جا سوڻ.

٢- هڪڙي جي ڦٽي ٻيو نه ڏئي، جي هڪڙي جي ڦٽي ٻئي ڏني ته آهي ٻاڻ ۽ وڙهي پوندا.

علاج: جيڪڏهن پنهنجي ڦٽي ٻئي کي ڏجي ته آن ڦٽيءَ تي "يا صلاح، صلح ڪر" لکي ڏجي، پوءِ جهيڙو نه ٿيندو.

٣- عورت ٻيئي ڦٽي نه ڏئي، نه ته سندس ٻارن کي نقصان رسندو.

مٿي جي وارن جا سوڻ.

٤- مرد خواه عورت جي مٿي جا وار رولڻو ڪري ڇڏڻ ُنياڻ آهي (وار ويڙهي، ڪپڙي ۾ ٻڌي، پوري ڇڏجن)، گهر ۾ وار لتاڙ هيٺ ايندا ته انهي ماڻهن کي (جنهن جا وار هوندا) مٿي جو سور ڇڏيندو ئي ڪونه.

٥- مٿي مان ڪيرپل وار نه وڃن، نه ته جنهن به ماڻهو جي مٿي جا ڪرپل وار وڃا، تنهن کي مٿي ۾ سور پوندو.

---

(١) تعلقو حيدرآباد (٢ ۽ ٣) محمد پناهه ڦرڙو (تعلقو ڪنڊيارو).
(٤) محمد طالب لوهار (ٽنڊو باگو) (٥) محمد پناهه ڦرڙو (٦) تعلقو ميهڙ آباد.

٦- مٿي جا وار ٻاهر ۾ نه وجهجن، نياپ آهي.

ننهن جا سوڻ

٧- هٿن ۽ پيرن جا ننهن لاهي گهر ۾ نه اڇلجن، نياپ آهي. گهر ۾ ننهن هوندا ته رزق گهٽجي ويندو (تنهنڪري لٽل ننهن گهوڙي جي ٿاڻ يا سائي وڻ ۾ اڇلائڻ گهرجن.)

٨- ننهن، ڏندن سان نه لاهجن، نياپ آهي.

ڏندن جا سوڻ

٩- ڏندن کي هروقت نه کوٽجي، چڱو ناهي.

سرمي جا سوڻ

١٠- رات جو سمهڻ مهل سرمو پائي پوءِ سمهجي.

١١- سرمي واري سرائيءَ سان اک وجهڻ نياپ آهي.

وهنجڻ جا سوڻ

١٢- اگهاڙو ٿي ڪا، وهنججي، نياپ آهي.

١٣- ڪلهي هنڌ تي وهنجڻ چڱو ناهي.

اڙاچوڙ ڪرڻ

١٤- ٻيٺي اڙاچوڙ ڪا ڪجي، نياپ آهي.

گهر ۽ جهيڙي ٽيڻ جا سوڻ

گهر ۾ جهيڙي ٽيڻ جا اصل سبب ڪهڙا به هجن، پر عوامي سوچ ويچار مطابق ڪي اهڙا عمل آهن، جي اڻ ڄاڻائيءَ ۾، يا ڄاڻي ٻجهي ڪبا ته، گهر ۾ جهيڙو پوندو. سندن خيال ۾ ڪي شيون به اهڙيون آهن، جي گهر ۾

(٧) محمد طالب لوهار ۽ محمد پناهه قرڙو (٨ ۽ ٩) تعلقو حيدرآباد.
(١٠ ۽ ١١) تعلقو حيدرآباد (١٢ ۽ ١٣) تعلقو حيدرآباد (١٤) تعلقو حيدرآباد.

ماڻ عيب نہ ڪجي، اڻ سڌيءَ طرح انهي سوڻ ۾ ڪفايت ۽ قناعت جو سبق سمايل آهي تہ جيڪي ملي، تنهن تي شڪر ڪجي.

هن عنوان هيٺ سنڌ جي مختلف هنڌن کان مليل روايتون هيٺ ڏجن ٿيون.

نئين ڪپڙي جو سوڻ

١- نئين ڪپڙي ماڻ ويڪ ڪڍڻ چڱي نہ آهي، چو تہ نئون ڪپڙو گهر ۾ ايندو تہ روئندو ايندو تہ الاجي قبول پوندس يا نہ؟

ڪپڙي جون تندون ساڙڻ

٢- ڪپڙي جي تند نہ ساڙجي، نہ تہ ڪپڙو مهانگو ٿيندو.

پهراڻ جو سوڻ

٣- پهراڻ جي دامن (اڳ) سان منهن نہ اگهجي، نہ تہ اڻهوند ٿيندي.

سٿڻ جو سوڻ

٤- ويٺي سٿڻ نہ پائجي، نہ تہ اڻهوند ٿيندي.

پڳ جو سوڻ

٥- ويٺي پڳ نہ ٻڌجي، نہ تہ اڻهوند ٿيندي.

جورابن جو سوڻ

٦- هٿن تي جوراب پائڻ سان رزق ۾ تنگي ايندي.

ڪاري ڪپڙي جا سوڻ

٧- ڪارو پٽڪو ڪونہ ٻڌجي، نہ تہ ڪا آپدا ايندي.

---

(١) ۽ (٢) محمد پناهہ ڦرڙو، تعلقو سڪرنڊ (٣) ڪان (٥) مصلح المفتاح (٦) محمد پناهہ ڦرڙو.

٨- سهاڳڻ زال ڪارو ڪپڙو نہ ڍڪي، چڱو نآهي.
سادو (بنا گلن چٽن جي) لباس

٩- سهاڳڻ زال اسا ڪپڙا نہ ڍڪي، چٽ گل ضرور هجن.
ادب ۽ اخلاق متعلق سوڻ

روزمره جي زندگي ۾ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ نشست برخاست ۾ اهڙو طريقو اختيار نہ ڪجي، جنهن مان بزرگن جي بي‌ادبي ۽ عام ماڻهن ڏانهن بداخلاقي جو پهلو ظاهر ٿئي. ننڍي وڏي جو آدر ڀاءُ ڪيئن ڪجي، ڪيئن ڳالهائجي، اٿڻ ۽ ويهڻ ۾ ڪهڙيون ڳالهيون معيوب آهن، گهرو زندگيءَ ۾ انهن ڪمن کي بہ سوڻ تصوّر ڪيو ويو آهي، ۽ آهي هيٺ ڏجن ٿا.

ڳالهائڻ جا سوڻ

١- سڏ ڪندڙ کي "جيءُ" بدران "هان" چوڻ نياڳ آهي.
٢- ماءُ پيءُ کي نالو وٺي سڏ ڪرڻ سان اٺهوڻ ٿيندي.
٣- وڏن ۽ بزرگن اڳيان زور سان نہ ڳالهائجي.
٤- گهڻا قسم کڻڻ سان اٺهوڻ ٿيندي.

ويهڻ جا سوڻ

٥- ڪانپ ڪڍي ويهڻ نياڳ آهي.
٦- زمين تي تريون کوڙي ويهڻ نياڳ آهي.
٧- زمين تي آپ کڙو ٿي نہ ويهجي.

بيهڻ جا سوڻ

٨- اڳهاڙو ٿي بيهڻ سان اٺهوڻ ٿيندي.

(٨) ۽ (٩) تعلقو حيدرآباد. (١) محمد طالب لوهار. (٢) مصلح المفتاح
(٣) تعلقو حيدرآباد (٤) مصلح المفتاح (٥) ڪاڻ (٨) تعلقو حيدرآباد.

٩- چيلهه تي پٽي هٿ رکي بيهڻ نياڳ آهي.

## هلڻ جا سوڻ

١٠- بزرگن جي اڳيان هلڻ سان اٺهوند ٿيندي.
١١- تڏي تي جُتيءَ سان هلڻ نياڳ آهي.

## ڪينڪر جا سوڻ

١٢- نوجوان زال پنهنجي هم عمر ۽ گهوٽ جي طرف کان آيل عزيز جي گهر ۾ اچڻ تي هٿ کي پوٺي ويڙهي، پوءِ ڪيس هٿ ڏيندي.

١٣- وڏيءَ عمر جو مرد ماڻهو، پاڻ کان ننڍيءَ عمر واري عورت جي مٿي تي هٿ رکي ڪينڪاريندو.

١٤- ڪو معزز ماڻهو، مگر ننڍيءَ عمر وارو گهر ۾ آيو ته وڏيءَ عمر واريون عورتون سندس هٿ جي پٺيءَ کي چمي ڏيئي ڪينڪر ڪنديون.

## چلهه، رڌپچاءَ ۽ ڪاڏي جا سوڻ

چلهه، ٿانءِ، رڌپچاءَ ڪرڻ ۽ ڪاڏي پيتي جي شين سان ڪي سوڻ ۽ بدسوڻ ڳنڍيندا آهن، جيڪي سڄيءَ سنڌ ۾ رائج آهن. اهي سوڻ گهڻو ڪري صفائي ستائي ۽ ڪاڏي جي ادب احترام ڏانهن اشارو ڪن ٿا. عام طور اهو خيال آهي ته جيڪڏهن انهن ۾ ڪابه بدسوڻي ٿي ته گهر جي ڀاتين کي نقصان رسندو، اٺهوند ٿيندي يا ڪو بيو جاني ۽ مالي نقصان پهچندو. انهيءَ بابت سڄيءَ سنڌ مان مليل سوڻن جون روايتون هيٺ ڏجن ٿيون.

(٩) تعلقو حيدرآباد (١٠) مصلح المفتاح (١١) محمد طالب لوهار (١٢) کان (١٤) تائين پير شهاب الدين، حيدرآباد.

## چنڊ جا سونڻ

١- چنڊ جا ٻي مارنگ ڏاهو چڱا ناهن. جيڪڏهن ٻي مارنگ ٿهيل هجن ته ڪڙهو رکي ٻه چار مارنگ ڪجن.
٢- چنڊ ۾ پاڻي نه هارجي، نه ته قرضي ٿيو.
٣- چنڊ ۾ ٿُڪ نه اڇلائجي، نه ته وات ۾ سور پوندو يا زبان ڦچي پوندي.
٤- چنڊ ۾ سنگهه نه اڇلائجي، نه ته نڪ ڦچي پوندو.
٥- چنڊ جي جاءِ نه مٽائجي، نه ته گهر جي ڀاتين کي نقصان رسندو.
٦- چنڊ ۾ ڪارامرچ نه ساڙجن، نه ته گهر جا ڀاتي بيمار گذاريندا.
٧- چنڊ ۾ جيئري يا مئل جِئون نه وجهجي، نه ته اٺهوند ٿيندي.
٨- چنڊ ۾ واڪو (سوساٽ) ٿيو ته چنڊ تي ويٺل ماڻهن مان ڪنهن جي ڪٽي نه گلا هلندڙ هوندي.
٩- چنڊ تي ويٺل ماڻهن مان جنهن ڏانهن به دونهون ويندو، ان تي سَسُ جو پيار ٿيندو.

## ٻاهه جا سونڻ

١٠- ٻاهه تي پير سيڪڻ نياپ آهي.

## دانگي يا تئي جا سونڻ

١١- مانيون ڪوڙي بس ڪجن، تڏهن دانگي يا تئو، چنڊ تان لاهي خالي ڪري نه رکجي، جو ته خالي تئو ٿيندو. تنهنڪري پڇاڙيءَ واري ماني، تئي ۾ اوستائين رهڻ ڏجي جيستائين ٺري وڃي.

---

(١) ڪاڻ (٦) تاڻين محمد پناهه ڦرڙو، تعلقو سڪرنڊ (٧) مصلح المفتاح
(٨) ڪاڻ (١٢) تاڻين محمد پناهه ڦرڙو.

١٢- ماني تئي ۾ا دانگيءَ تي ڦوڪجي پئي ته چوندا ته هن ماني کائڻ واري کي بک گهٽي آهي.

## ماني کائڻ جا سوڻ

١٣- پليتائي واري حالت ۾ ماني نه کائجي، نه ته، اٿهوند ٿيندي.

١٤- طعام گرم نه کائجي، نه ته نقصان پهچندو.

١٥- مانيءَ جا ڪتا، ڀور يا ذرا نه ٻچائجن، ائين ڪرڻ سان اٿهوند ٿيندي.

١٦- پاروٺو طعام نه کائجي، نه ته ڪند ذهن ٿبو.

١٧- ماني کائي ٿانون ۾ هٿ نه ڌوئجن، نه ته اٿهوند ٿيندي.

١٨- ماني کائڻ کان پوءِ ٿانءَ ٻنان ڌوئڻ جي نه ڇڏجن، نه ته اٿهوند ٿيندي.

١٩- کائيندي يا ڳالهائيندي زبان ڏنگجي، ته چوندا ته ڪنهن لاءِ مدي سوچي اٿس.

٢٠- ماني کائي آرس نه ڀڃجي، نه ته ماني ڪُتي جي پيٽ ۾ ويندي.

٢١- هميشه خيرات يا صدقي کائڻ وارو جلد مري ويندو.

٢٢- منتل ماڻهو تان کاڌو ٿيائي يا اورانگهي نه کائجي، نه ته کائيندڙ جي چمار ڪُتي پوندي.

٢٣- ماني، پٽ يا انَّ جا ڪٽا نه اورانگهجن، نياڪ آهي.

(١٢) مصلح المفتاح (١٤) ۽ (١٥) تعلقو حيدرآباد. (١٦) محمد پناهه ڦرڙو (١٧) کان (٢٠) تعلقو حيدرآباد (٢١) ۽ (٢٢) محمد پناهه ڦرڙو (٢٣) محمد طالب لوهار تعلقو ٽنڊو ٻاگو.

٢٤- ھٿ تي لوڻ نہ ھارجي، جي ھاربو تہ قيامت ۾ اکين جي پنبڻين سان چونڊبو (چاڪاڻ تہ حضرت بيبي فاطمہ کي ڏيج ۾ مليو ھو، تنھنڪري احترام ڪبو).

٢٥- فقيرن کان ماني مٿلھ، تي وٺي کائڻ وارو جلد مري ويندو.

٢٦- بصر يا ثوم جي کل نہ کائجي، نہ تہ اٺھوند ٿيندي.

پاڻي ۽ کير جا سوڻ

٢٧- بيٺي پاڻي نہ پيئجي، نياڳ آھي.

٢٨- کير کي ڦوڪون نہ ڏجن، چڱو ناھي.

٢٩- چانڊوڪيءَ ۾ کير اگھاڙو نہ ڇڏجي، چڱو ناھي.

٣٠- پاڻيءَ ۾ مٿي سان اٺھوند ٿيندي.

ٿانون جا سوڻ

٣١- خالي ٿانءُ اونڌو نہ رکجي، نياڳ آھي.

٣٢- پريل دلو ڪٽجي تہ مٿس ھٿ رکجي، اگھاڙو دلو ڪٽڻ چڱو ناھي.

٣٣- انّ وارو ٿانءُ ڍڪي رکجي، نہ ڍڪڻ ڪري اٺھوند ٿيندي.

٣٤- پاڻي، طعام، اٽي، لوڻ وغيره جو ٿانءُ ڍڪي رکجي، نہ ڍڪڻ سان اٺھوند ٿيندي.

٣٥- مرد ماڻھو ڪُنا يا ديگڙا نہ چٽي، نہ تہ سندس شاديءَ ۾ مينھن وسندو.

٣٦- ڏوئيءَ سان پار کي ڌڪ نہ ھڻجي، نہ تہ پونير ٿيندو.

٣٧- مھري نہ اورانگھجي، نہ تہ چيلھ ۾ سور پوندو.

---

(٢٤) تعلقو حيدرآباد (٢٥) ۽ (٢٦) مصباح المفتاح (٢٧) ڪنان (٣١) تعلقو حيدرآباد (٣٥) ڪنان (٣٧) تعلقو حيدرآباد.

آرسي جا سوڻ

٢- رات جو آرسي (درسني) ڏسڻ نياڪ آهي، رات جو آرسي ڏسڻ معنيٰ قبر جو منهن ڏسڻ.

ڻنهڻن لاهڻ جا سوڻ

٣- رات جو ننهڻن نہ لاهجن، نياڪ آهي.

سُئيءَ جا سوڻ

٤- رات جو سُئيءَ جو نالو وٺڻ چڱو ناهي، پر لاچاري حالت ۾ چئبو "سيٻڻي".

٥- رات جو بازار مان سُئي وٺڻ نياڪ آهي، تنهنڪري نہ وٺجي، نہ تہ خريد ڪندڙ جي گهر ۾ قضيو ٿيندو.

ميٽ جا سوڻ

٦- رات جو بازار مان ميٽ وٺڻ نياڪ آهي، تنهنڪري نہ وٺجي، نہ تہ خريد ڪندڙ جي گهر ۾ قضيو ٿيندو.

٧- رات جو ميٽ جو نالو وٺڻ چڱو ناهي، پر جي لاچار نالو وٺجي تہ چئبو "مٿي ڌوئڻو" (چاڪاڻ تہ ميٽ سان ميت کي غسل ڏجي ٿو).

٨- رات جو ميٽ پاڙي پتي ۾ نہ ڏجي نہ وٺجي، الهوند ٿيندي.

لوڻ جا سوڻ

٩- رات جو (نماشام ۽ ان کان پوءِ) ڪنهن کي بہ اڌارو لوڻ نہ ڏجي، نياڪ آهي.

ٽوپي جا سوڻ

١٠- رات جو ٽوپو ڏيڻ يا ڪپڙو سبڻ چڱو ناهي.

ڪنجين جا سوڻ

١١- رات جو ڪنجيون نہ ڇڻڪائجن، نہ تہ گهر ۾ جهيڙو ٿيندو.

(٣) تعلقو حيدرآباد. (٤) ڪان (٧) محمد طالب لوهار. (٨) تعلقو حيدرآباد. (٩) ممتاز مرزا حيدرآباد. (١٠) ڪان (١٣) تعلقو حيدرآباد.

کنگهيءَ جا سوڻ

١٢- رات جو ٿلهي ڪنگهي نہ هلائجي، نہ تہ گهر ۾ جهيڙو ٿيندو.

١٣- رات جو ڪنگهي سيرانديءَ رکي نہ سمهجي، چڱو نہ آهي.

ٻهاريءَ جا سوڻ

١٤- رات جو گهر کي ٻهاري نہ ڏجي، نہ تہ اڻهوند ٿيندي، يا رزق گهٽجي ويندو.

جنڊ جا سوڻ

١٥- رات جو جنڊ نہ ڦيرائجي، چڱو نہ آهي.

ڪنولي جا سوڻ

١٦- رات جو گهر ۾ ڪنولي جي واڏڻ نہ چڪجي، نہ تہ ان کي ڏيئون چمنديون.

ڀڳڙن جا سوڻ

١٧- رات جو ڀڳڙا نہ کائجن، چاڪاڻ تہ رات جو ڀڳڙا کائڻ رزق جي تنگيءَ جي نشاني آهي.

قرض جا سوڻ

١٨- رات جي وقت قرض نہ کڻجي، ۽ نہ موٽائجي. جيڪو ائين ڪندو سو سدائين قرض ۾ ئي رهندو.

ڪپڙن جا سوڻ

١٩- رات جو ننڍڙي ٻار جا ٻاروتا (ڪپڙا) ڌوئي سڪائڻ لاءِ ٻاهر نہ وجهبا، چو تہ رات جو ٻارن جي ڪپڙن تي جنّ راند ڪندا آهن، تنهنڪري ٻارن تي بہ جنّ جو اثر ٿيندو، تنهنڪري ٻاروتا آلا يا آڌوڪا ڪٽي گهر ۾ رکبا ۽ صبح جو سڪائبا.

---

(١٤) مصلح المفتاح. (١٥) تعلقو حيدرآباد. (١٦) ۽ (١٧) محمد پناهہ ڦرڙو. (١٨) ۽ (١٩) محمد طالب لوهار.

۲۰- جنهن ماڻهوءَ جا ڪپڙا رات جو سڪائبا، سو جلد مري ويندو.

## ڪوئن جا سوڻ

۲۱- رات جو ڪوئن جو ٽالو نہ وڃبو، اِہ تہ ڪوئا گهٽا ٿي پوندا. ڪوئن کي "گهر ڏٿي" چئبو.

## وڻ جا سوڻ

۲۲- رات جو هيڪلي وڻ هيٺان لنگهڻ چڱو ناهي.
۲۳- رات جو سائي وڻ هيٺان سمهڻ نياڻپ آهي.
۲۴- رات جو سائي وڻ مان ٽاري نہ پڃجي.

## گهر جي دروازي جا سوڻ

۲۵- رات جو جيستائين گهر جا ڀاتي جاڳندا رهن، تيستائين گهر جو دروازو بند ڪرڻ نہ گهرجي، ڇو تہ ان سبب رزق بند ٿي ويندو.
۲۶- رات جو گهر جو دروازو بند ڪرڻ جا لفظ چوڻ چڱو ناهي، تنهنڪري چوندا تہ "دروازو قائم ٿيو".

## بتيءَ جا سوڻ

۲۷- رات جو "ڏيو يا بتي ٻارڻ" جا لفظ چوڻ چڱو ناهي، ان جي بدران چوندا "ڏيو جاڳاءِ".
۲۸- رات جو "ڏيو يا بتي اجهائڻ" چوڻ چڱو ناهي، تنهنڪري چوندا "ڪُل ڪر".

## مهمان اچڻ جا سوڻ

مهمان آئي گهر ۾ برڪت پوي، تنهنڪري سنڌ ۾ مهمان اچڻ تي خوشيءَ جو اظهار ڪندا آهن، پر جي مهمان

---

(۲۰) محمد پناهہ قرڙو. (۲۱) محمد طالب لوهار. (۲۲) ڪان (۲۴) تعلقو حيدرآباد. (۲۵) ڪان (۲۸) محمد طالب لوهار.

ڪانهُ آڏامي وجي ته سمجهه ڳهرجي ته دل وارو
مهمان پيو اچي.

### ماڻيءَ جو سوڻ

٨- ماڻي ڪائيندي جيڪڏهن ڳرانهه هٿ مان ڪري پيو
ته مهمان آيو ڪي آيو.

٩- ماڻي تئي تي ڪَنڊ ڪري ته مهمان ايندا.

١٠- ماڻي ڪي جيڪڏهن تئي يا دانگي تي ڏُنگ ٿي پون
ته مهمان ايندا.

### جنڊ جا سوڻ

١١- جنڊ پيهندي جيڪڏهن هٿيو هٿ مان ڇڏائي وڃي ته
مهمان ايندو.

### ننڍڙي ٻار جو سوڻ

١٢- ننڍڙو ٻار ٻاڦراڏو ٻهاري ڏيندو ته مهمان ايندا.

### ڪڪڙ جو سوڻ

١٣- ڪُڪڙ آس تي ٻرجي پيو ته مهمان ايندا.

### ٻلي جو سوڻ

١٤- ٻلي مُنهن ڌوئي ته مهمان ايندا.

### ٽِڪار جو سوڻ

١٥- ٿي مهمان گهر ۾ اچن ته نياڻپ آهي، ان کي "ٽِڪار"
چون. اهڙي حالت ۾ ڪوبه ڇوٽون ماڻهو وٺي
ٽڪائجي، نه ته نقصان رسندو.

---

(٨) محمد طالب لوهار. (٩) تعلقو حيدرآباد. (١٠) الهڏنو فقير، تعلقو
سنجهورو. (١١) محمد پناهه ڦرڙو. (١٢) ۽ (١٣) الهڏنو فقير. (١٤)
تعلقو حيدرآباد. (١٥) محمد پناهه ڦرڙو.

# باب ستون

## روزمره جي زندگيءَ مشاهدا

<u>ڪم ٿيڻ ۽ نه ٿيڻ جا سوڻ</u>

روزمره جي زندگيءَ جو وڏو حصو ”ڪمن ڪارڻ“ سانگي صرف ٿئي ٿو. ڪم جي تڪميل جي مقصد سان پنڌ پنجي، ۽ اها خواهش فطري آهي ته اهو ڪم ٿئي. جيڪڏهن ڪم نه ٿيو يا ان ۾ ڪو ڪانجاڙو پيو ته پنڌ ئي اجايو ويو، اڻلو وقت جو زيان ٿيو ۽ تڪليف پڻ پاسي ٿي. فقط ڪاميابيءَ سان موٽڻ لاءِ ضروري آهي ته ڪي اهڃاڻ معلوم ٿين، جن سان اندازو لڳائي سگهجي ته ڪم ٿيندو يا نه؟ انهيءَ سلسلي ۾ سڄيءَ سنڌ ۾ ڪي اهڃاڻ مقرر ٿيل آهن، جن سان ڪم ٿيڻ يا نه ٿيڻ جا سوڻ ڳڻيندا آهن. اهي جملي روايتون هيٺ ڏجن ٿيون.

<u>ڪم ٿيڻ جا سوڻ</u>

١- وسريل ڳالهه ياد اچي وڃي ته اهو ڪم جلد پورو ٿيندو.

<u>ڪم نه ٿيڻ جا سوڻ</u>

٢- ڪنهن ڪم لاءِ واٽ ويندي ڏاٻو آيو ته ڪم نه ٿيندو.
٣- ڪنهن ڪم لاءِ ويندي پٺيان سڏ ٿيو ته ڪم نه ٿيندو.
٤- ڪنهن ڪم لاءِ ويندي گهر جو ڪو ڪم ياد پئجي وڃي ته واپس هليو اچجي، ڇو ته ڪڙيءَ ڇڪ ٿي، ڪم ڪونه ٿيندو.
٥- هلندي ڪپڙو ڪنڊي ۾ ڦاسي پيو ته ڇڻ جهل ٿي، ڪم ڪونه ٿيندو، موٽي اچڻ گهرجي.

---

(١ ۽ ٢) محمد پناهه ڦرڙو (تعلقو ڪنڊيارو). (٣) ڳاڻ (٥) الهڏنو فقير.

## چمار وڏي ٿيڻ جا سوڻ

١- جنهن ماڻهوءَ جي ڳالهه هلندڙ هجي، يا يادگيري ڪجي، اهو ماڻهو اتفاق سان اتي پهچي وڃي ته چئبو ته اهڙي ماڻهوءَ جي چمار وڏي ٿيندي.

٢- لنڊ ۾ پيل آٽ جي ڳچيءَ هيٺان جيڪو لڳهندو، تنهن جي چمار وڏي ٿيندي.

## جيتن، جانورن ۽ پکين جا سوڻ

### پوپٽ

١- ڪارو پوپٽ گهر ۾ اڏامي اچي ته ان کي کير جا ڇنڊا هڻجن، جو انهن ۾ مري ويل عزيزن جا روح هوندا آهن. ائين نه ڪبو ته روح راڄ ٿيندا.

### ماکيءَ جي مک

٢- ماکي اڏامندي اچي ته ان کي ويهارڻ لاءِ جُتيءَ جو پادر اونڌو ڪبو ته ماکي ويهي رهندي.

٣- رات جو چلهه تي ماکيءَ جو نالو نه وٺجي، نه ته ماکي رس کائي ويندي.

٤- ماکي چالڻ وقت "پار پار" چئجي ته مکا نه کائيندا.

### ڪڪڙ جا سوڻ

٥- ڪڪڙ جي آنن جي کوپن جو هار ٿاهي گهر ۾ رکبو ته ان گهر ۾ نانگ بلائون نه ايندا يون.

### ڪبوتر جا سوڻ

٦- ڪبوتر کي نه مارجي، ڇو ته پکين ۾ "سيد پکي" آهي.

---

(١) تعلقو حيدرآباد. (٢) محمد پناهه قرڙو. (٣) ڪان (٥) محمد طالب لوهار. (٦ ۽ ٧) محمد پناهه قرڙو.

چيڙي جو سوڻ

٧- رات جو چيڙي ٽيڪي ته ان کي پادر ڏيکارجي، نه ته وڏو نقصان ٿيندو.

ڪونج جو سوڻ

٨- ڪونج ٻکي مارڻ ڏوهه، پر ڪائڻ ثواب آهي.

مور جو سوڻ

٩- مور جا کنڀ گهر ۾ رکجن ته نانگ بلائون گهر مان نڪري وينديون.

باز جو سوڻ

١٠- باز جو ڪيل شڪار کائڻ ثواب آهي، پر باز سان شڪار ڪرڻ گناهه آهي.

ٻليءَ جا سوڻ

١١- ٻليءَ کي ڌڪ نه هڻجي، پاپ ٿيندو.
١٢- ٻليءَ کي نه مارجي، نه ته 'ست وري' ٿيندي.
١٣- ٻليءَ کي لوهه جي شيءِ نه لارجي، جي لارجي ته ٻلي بيمار ٿي پوندي ۽ مري ويندي.
علاج: اهڙيءَ حالت ۾ ان بيمار ٻليءَ کي لوهي ٿانءَ ۾ کاڌو ڏبو ته ٺيڪ ٿي ويندي.

ڪتي جا سوڻ

١٤- در اڳيان ڪتو نه ڌارجي، ڇو ته ملائڪ گهر ۾ نه ايندا.
١٥- لوڪ ستي ڪتو روئڻ ڪري ته ڏڪار پوندو يا ڪو ماڻهو مرندو.

---

(٨) ڪان (١٠) محمد طالب لوهار. (١١) ۽ (١٢) تعلقو حيدرآباد.
(١٣) محمد طالب لوهار. (١٤) تعلقو حيدرآباد. (١٥) الهڏاو لقوري.

١٥- جنهن سال مکڙ گهڻا ايندا، ان سال مينهن گهڻا وسندا.

١٦- جنهن سال مينهن وساڙا گهڻا ٿين، ان سال برساتون جام پونديون.

١٧- جنهن سال پيرون جام ٿيندا، تنهن سال برساتون جام پونديون.

١٨- جنهن سال ڏيڏريون گهڻيون ٿي پونديون، تنهن سال تمام گهڻيون برساتون پونديون ۽ تمام گهڻيون پوڏون ٿينديون.

١٩- جنهن سال لوهار جي ڪوري جي ٽري ۾ ڪينوڙو (ڪَتُ) گهڻو ٿيندو، ان سال برساتون جام وسنديون.

٢٠- جنهن سال پنپوريون گهڻيون ٿينديون، تنهن سال مينهن به گهڻا وسندا.

٢١- جنهن سال ڪُڙڪپيتا گهڻا نڪرندا، ان سال مينهن به گهڻا وسندا.

٢٢- جنهن موسم ۾ گهڻا چنبول پوليندا ته برساتون جام پونديون.

٢٣- جنهن موسم ۾ آرُون گهڻو پولينديون، ان موسم ۾ مينهن جام وسندا.

٢٤- ساوڻ جي منڊ ۾ گدڙ آيو ٿي ويڻل ڏسجن ۾ آيو ته مينهن جام پوندا.

مينهن وسندي جا احتياط

٢٥- مينهن وسندي مٿو اگهاڙو نه ڪجي، چو ته ڪارُنڌوَن تي وڄ ڪرندي.

٢٦- مينهن وسندي گهر کان ٻاهر نڪرجي يا مسافري ڪندو هجي ته هٿ ۾ سائي وڻ جي ڏاري جهلي،

---

(٢٦) تعلقو حيدرآباد.

چنيءَ وارا گر مٿي ڪان مٿي ڪنهو هلجي ته وچ ڪال ڪيرندي.

٢٧- مينهن وسندي ڪنجهي جو ٽانءُ ٻاهر نه ڇڏجي.

٢٨- ڏاتو جي ڪا، شئي وسندي مينهن ۾ ٻاهر نه ڇڏجي.

برسات بند ٿيڻ جا ٽوڻا

٢٩- برسات وسندي يا بند ٿيڻ بعد جيڪڏهن آسمان ۾ اندلٺ نڪتي ته برسات بند ٿي ويندي.

٣٠- مينهن وسندي گدڙ اونايو ته مينهن اوڪامي ويندو.

٣١- ست عورتون، ست ڏيون ڪٺي ڏوين سان پٽي آهائينديون ته برسات بند ٿي ويندي.

٣٢- ٽي عورتون، ٽي چوٽايون، پاٽيون يا ٽويا ڪٺي انهن سان مينهن جو پاڻي پرينديون يا مٺينديون ته برسات بند ٿي ويندي.

موسمون ۽ نڪت

١- اونهاري ۾ ڏکڻ جي هوا لڳي ته ڏکڻ طرف پير ڪري نه سمهجي. ڏکڻ ڏانهن پير ڪري سمهڻ سان هوا بند ٿي ويندي.

٢- طوفان اچي ته پاٽي ۾ لوڻ ڳاري، طوفان طرف پالي آچلائي ”لوڻ پاٽي، لوڻ پاٽي“ چئجي ته طوفان مڙي پاسو ڪري ويندو.

٣- سياري جي موسم ۾ گدڙ آيو ٿي ويٺل ڏسڻ ۾ آيو ته پارو پوندو.

٤- جنهن منډ ۾ پتنگ گهڻا ڏسجن ۾ ايندا، ان سال شاديون گهٽيون ٿينديون.

---

(٢٧) تعلقو حيدرآباد. (١) محمد پناهه قرڙو (٢) ڪان (٤) محمد طالب لوهار.

٥- جنهن سال واءُ گهڻو لڳندو، ان سال ڏڪار پوندو.

٦- جنهن سال ماڪوڙين جا لنگرا گهڻا ڏسجن ۾ اچن، ان سال ڏڪار پوندو.

٧- ماڪوڙيون گهڻيون ٿي پون ته ڦلهيار جو پٽڪ پري مٿن اڇلائجي ته جلد ئي گم ٿي وينديون.

## نکٽ

٨- چنڊ جي ٻهرين تاريخ هوا لڳي ته سڄو مهينو پئي هوا لڳندي.

٩- چنڊ ڪُنڊي ڪَٽنديءَ مان انّ نه ڪڍجي، نه ته رزق گهٽجي ويندو.

١٠- چنڊ ۾ وچون نکٽ پاڻ ۾ ملندا ته آن رات هوا نه لڳندي.

١١- تارو ڪِرڙيو ته چوندا ته شيطان کي آماڙي لڳي.

---

(٥) ڪان (٧) محمد طالب لوهار (٨) ڪان (١٠) محمد پناهه قرڙو.
(١١) تعلقو حيدرآباد.

# باب اٺون

## سفر، تارو، ڏينهن، تاريخون وغيره

### سفر جا سوڻ

#### مسافريءَ تي وڃڻ جا اهڃاڻ

١- جنهن ماڻهوءَ جي جُتيءَ جو پادر، جيڪڏهن ٻئي پادر تي چڙهيل هوندو ته اهو ماڻهو مسافريءَ تي ويندو.

٢- پير جي پٺ ۾ خارش ٿئي ته اهو ماڻهو مسافريءَ تي ويجي.

٣- پير جي ترِيءَ ۾ ڪَنهي ٿئي ته پنڌ ڪرڻو پوندو، ليڪن پنڌ ۾ تڪليف وارو.

#### مسافريءَ کان اڳ

٤- جنهن گهر مان ڪو ماڻهو مسافريءَ تي وڃڻو هجي، ته آن جي وڃڻ کان اڳ گهر کي ٻُهاري ڏيڻي ونجي، نه ته نقصان ٿيندو.

٥- سفر تي اُسهڻ وقت مرد جي ساڄي اک ڦَرڪي ته سفر سجايو ٿئي.

٦- سفر تي اُسهڻ وقت مرد جي کابي اک ڦَرڪي ته سفر سجايو ٿئي، ۽ مطلب حاصل ٿئي، پر جي ساڄي اک ڦرڪي ته سفر ملتوي ڪرڻ گهرجي.

٧- مرد ماڻهو پاڻي پي يڪدم ٻاهر نه نڪري.

#### سفر ۾ ڪاميابي يا ناڪاميابي

٨- گهر کان ٻاهر نڪرڻ شرط جيڪڏهن ٻلهه، ٻريل ڏي لا مٿنهن ۾ گڏجن ته واپار ۽ سوداگري ۾ فائدو پهچي.

(١) کان (٣) محمد طالب لوهار. (٤) تعلقو حيدرآباد. (٥) ۽ (٦) محمد طالب لوهار. (٧) الهڏاو فقير. (٨) کان (١١) محمد طالب لوهار.

١٨- سهاڳڻ زال خميس ڏينهن غسل نہ ڪري، جي ڪندي تہ
آن جي عزيزن کي نقصان رسندو.
١٩- ڪي پاڪيا خميس جي ڏينهن ڪپڙ ڪونہ ولوڙين.
پناڻي رحم چيو آهي تہ:
'تنون جي خميس، منڊي مائيءَ نہ ہوي.'

## جمعو

٢٠- جمعي ڏينهن ٻهريان ۽ ٻهر ماٽ ڪري ويهجي، ڪوہ
ڪم نہ ڪجي.
٢١- جمعي نماز کان ٻوءِ ڪم ڪار ڪجي يا ڪيڏانهن
وڃجي، انهي ڪري چوندا آهن تہ: "جمعو بعد الله ياد."
٢٢- جمعي ڏينهن ڪاسبي پنهنجو ڏنڊو نہ ڪن، نہ تہ
نقصان ٿيندو.
٢٣- جمعي ڏينهن تي عذرخواهي نہ ڪبي آهي.
٢٤- جمعي ڏينهن نانگ مارڻ، حج جيترو ثواب آهي.
٢٥- جمعي جي ڏينهن پٽون مارڻ، هڪ ڪافر کي مارڻ
جيترو ثواب آهي.
٢٦- جمعي ڏينهن ڏينيو يا چيلاٽو مارڻ، سؤ فقير کارائڻ
جيترو ثواب آهي.
٢٧- 'ٻاتو' پاڙي جا پنيرا جمعي جي ڏينهن ڪپڙ ڪونہ ولوڙين.

## نوان ڪپڙا پائڻ لاءِ ڏينهن

٢٨- آچر، سومر، اڱاري ۽ جمعي ڏينهن تي نوان ڪپڙا پائجن.

## ڪاٽ وڍڻ

٢٩- چنڇر، آچر ۽ اڱاري ڏينهن تي گهر لاءِ ڪاٽ ڪپڻ
گهرجي. اهڙي ڪپيل ڪاٽ کي اڏوهي ۽ سڙو
ڪونہ لڳندو.

---

(١٨) کان (٢٢) محمد پناهہ ڦرڙو. (٢٣) کان (٢٦) محمد طالب لوهار.
(٢٨) ۽ (٢٩) محمد پناهہ ڦرڙو.

هڙُلو ڀڃڻ

٣٠- ڇنڇر، آچر ۽ سومر، هڙُلي ڀڃڻ لاءِ سٺا ڏينهن آهن. هڙُلي کي ڦيرو ڀرڻ ڀر ڏجي.

فاتحه يا عذرخواهي

٣١- اربعا ۽ جمعي ڏينهن تي فاتحه نہ ڪبي.

شاديءَ جا ڏينهن

٣٢- سومر، اربعا، خميس ۽ جمعي مان ڪوبہ ڏينهن شاديءَ لاءِ پَڪَ جي.

ڪپهہ جو وکرو

٣٣- خميس، جمعي ۽ سومر ڏينهن تي ڪپهہ جو وڪرو فائديمند ثابت ٿيندو. انهن کان سواءِ باقي ڏينهن تي ڪپهہ جي وڪري مان نقصان رسندو.

ڏوپ ڪرڻ

٣٤- عورتن کي ڪپڙن جو ڏوپ جمعي ڏينهن ڪرڻ گهرجي. ڇنڇر ۽ خميس تي ڏوپ نہ ڪجي.

هفتي جي ڏينهن بابت سنڌ ۾ ڪي چوڻيون بيتن جي صورت ۾ پڻ هلندڙ آهن، جن مان انهن ڏينهن تي ڪپڙن سوڙن جي خبر پوي ٿي:

اربعا آتر نہ وڃجي، خميس وڃجي لہ لاڙ
جمعي سندا ڀہ ڀهر، گهر ويهي گهار
تہ قادر تنهنجي ڪار، مولو موچاري ڪري.

---

ڇنڇر ڇيهہ نہ وڃجي، آکيندڙي آچار
سائيڙا سومار، وار ڀچائي هلڻا.

---

(٣٠) کان (٣٢) الهڏنو فقير. (٣٣) محمد پناهہ قرڙو. (٣٤) الهڏنو فقير.

چنڇر ڇڇه نہ وڃجي، اولهہ نہ آچار
اربعا ڏينهن نہ آتر ڪٿ، خميس وچ نہ لاڙ
جمعي سندا ٻہ ٻهر، ويهي گهر گذار.

---

چنڇر ڇڇه نہ رهڻا، آچر وار اڪير
سومر ٻڪ مؤن اچڻا، اچڻ اڱاري امير
جمعي جڙي آئيا، منهنجا هڻا مهمير.

ماه صفر جا سوڻ

قمري سال جي ٻئي مهيني ۾ 'صفر' مهيني سان گهڻا سوڻ لاڳو ٿين ٿا. هن ماه متعلق چوڻ ۾ اچي ٿو تہ جيڪو ڪم ڪبو، اهو سڄو سال ڪرڻو پوندو. يعني ان جو اثر سڄي سال تي پوي ٿو، تنهنڪري اهڙا ڪم نہ ڪجن، جن مان سڄو سال نقصان رسندو هجي. هن مهيني ۾ ڇا ڪجي ۽ ڇا نہ ڪجي، ان متعلق هيٺ تفصيل ڏجي ٿو:

مهيني جي پهرين تاريخ

١- صفر مهيني جي پهرين تاريخ جيڪڏهن ڪو جهيڙو ڪندو تہ پوءِ اهو هرروز پيو جهيڙو ڪندو.
٢- صفر جي پهرين تاريخ تي جي ڪو نوان ڪپڙا پائيندو تہ اهو سدائين پيو نوان ڪپڙا پائيندو.
٣- صفر مهيني جي پهرين تاريخ تي چڱو طعام کائجي، انهن ڪرڻ سان سڄو سال چڱو چوکو پيو کائبو.
٤- صفر جي پهرين تاريخ تي ڪوبہ سوال نہ ڪجي، جيڪو سوال ڪندو، سو سڄو سال محتاج رهندو.
٥- صفر جي پهرين تاريخ مهمان ايندا تہ سڄو سال پيا مهمان ايندا.

---

(١) ڪان (١٢) محمد پناه ڦرڙو.

## صفر مهيني جا سوڻ

٦- جيڪڏهن ڪنهن عورت کان صفر جي مهيني ۾ دانگي پڃي پيئي ته ان عورت کان ڏهاڙي پيون دانگيون پڃند يون.

٧- صفر مهيني ۾ مسافري نه ڪجي، جيڪڏهن ڪو به مسافري ڪندو ته اهو سدائين سفر ۾ هوندو.

٨- صفر مهيني ۾ مينهن پيو ته سڄو سال برسات وسندي.

٩- صفر مهيني ۾ پئسا مليا ته سدائين پيا پئسا ملندا.

١٠- صفر ۾ نفلي روزو به نه رکجي، نه ته سدائين پيو بک ۾ گذاربو.

١١- صفر مهيني ۾ ماڻهو بيمار ٿيو ته پورو سال بيماريءَ ۾ مبتلا رهندو.

١٢- صفر مهيني ۾ زيور لهرائبا ته ماڻهو سدائين پيو زيور لهرائيندو.

## تيرهن تيزيون

١٣- صفر مهيني جون ڪي تاريخون، جنهن ۾ ڪي لکت ماڳئي برج ۾ اچن، جنهنڪري اهي تاريخون انحوست واريون ٿين. انهن تاريخن ۾ ڪو به ڪم ٿيندو ته ان جو اثر سڄي سال تي پوندو. ڌالون انهن پهرين تيز تاريخن ۾ تمام احتياط سان گذارين.

---

# باب ناڻون

## عارضا بيماريون ۽ علاج

### عارضا ۽ بيماريون

جسم جا ڪي نقص عارضي آهن، جي بنا ڪنهن وڏي تڪليف جي ٿوري عرصي ۾ ختم ٿي وڃن ٿا، اهي چئن ننڍڙا عارضا آهن. انهن جي برعڪس پيا وڏا عارضا ۽ بيماريون آهن. انهن مان هرهڪ لاءِ جتن ۽ حيلا سوڻ ۽ وسيلا آهن. هن عنوان هيٺ پهريائين جسم جي عارضي نقصن يا ننڍن عارضن جو بيان ايندو ۽ ان کان پوءِ وڏن عارضن ۽ بيمارين جو تفصيل ڏنو ويو آهي.

## (الف) ننڍڙن ٻارن جون بيماريون ۽ انهن جا سوڻ ۽ علاج

### ٻار جو روج راڙو

١- ننڍڙي ٻار کي روج راڙو ٿئي ته مٽن گهرن مان ڪک ڪيري ساڙي، انهن جي رک ٻار جي ڳچيءَ ۾ ٻڌجي ته ٻار روئڻ ڇڏي ڏيندو.

٢- ٻار کي روج راڙو ٿئي ته ٻار جا رلڪا چوواٽي مال جي ڳس تي وجائجن، جيئن مال جي لتڙ ۾ اچن، انهن رلڪن جي استعمال ڪرڻ سان ٻار روئڻ ڇڏي ڏيندو.

### مٽيان ڏند اڳ ۾ ڄمڻ

٣- جنهن ٻار کي مٽيان ڏند اڳ ۾ ڄمن، سو ننڍو ليکيندا ۽ ناناڻن لاءِ نقصانڪار سمجهندا.

---

(١) محمد طالب لوهار (ٽنڊو باگو). (٢) تعلقو حيدرآباد. (٣) محمد پناهه قرڙو (تعلقو سڪرنڊ).

## علاج :

ناڳالا چانديءَ جو ننڍڙي سيڱ ۾ گز ٺهرائي، انهيءَ ٻار جي ڳچيءَ ۾ ٻڌن ته نحوست ٽري وڃي.

## اکيون اٿڻ

٤- ننڍڙي ٻار جون اکيون اٿن ته ان لاءِ ڏَس ڀرياڻين ٻار جي ڀيڻ کان پڇجي، اهو ڏس ٻار کي فائدو پهچائيندو.

٥- ٻار کي صبح ۽ شام هرمٽي جو واس ڏجي ته اکيون ڇٽي وينديون.

٦- "ڇَوَڙ" رڌي، ڇلي، ڪنجهي جي وٽي ۾ ڪنجهي جي ڏانڊ سان پيهي ڪپڙ ڇاڻ ڪجن. ساڳيءَ طرح مصري کي پيهي ڪپڙ ڇاڻ ڪجي. پوءِ اٽيل اک ۾ ڀرين مصري ٻُرڪي، اکيون پوري ڇڏي، اکين مان پاڻي ڪڍي، اکيون صاف ڪجن، پوءِ ڇَوَڙن جي چٽڪي اکين ۾ وجهي، ڪاري ڪپڙي جون ٻه پٽيون پاڻيءَ سان پُسائي اکين تي رکي، ٻڌي ڇڏي، سڄي رهجي. صبح جو ڦٽڪيءَ واري پاڻيءَ سان اکيون ڌوئي صاف ڪجن. ٽن راتين جي علاج سان اکيون صاف ۽ چڱيون ڀليون ٿي پونديون.

## پيٽ جو سور

٧- ٻار کي پيٽ ۾ سور هجي ته پنجن ماڻهن کان، زبان سان ٻار جو پيٽ چٽائجي ته سور لهي ويندو.

٨- ڪهي هٿ جون ٻه آڱريون (چيچ ۽ ڏَسٽي) ملائي، ٻار جي پيٽ تي ٽي دفعا گهمائڻ سان سور لهي ويندو.

---

(٤) محمد پناه ڦرڙو. (٥) ۽ (٦) محمد طالب لوهار. (٧) ڪسان (٩) محمد پناه ڦرڙو.

## ڪيرڻي جي بيماري

ٻار کي ڪيرڻيو ٿي پوي ته، هيٺين ريت علاج ڪجي:

١٢- "نيرڻ" وڻ جا ڏينا ٽني، ڏاڪي ۾ پٺوڻي، هار يا ڪنڊلو ٺاهي، ٻار جي ڳچيءَ ۾ ٻڌي ڇڏجي ته ڪيرڻيو ڇڏي ويندو.

١٣- ٺامي جي هسي کي ٽنگ ڪري ڳچيءَ ۾ ٻڌي ڇڏجي ته ڪيرڻيو ڇڏي ويندو.

١٤- ڪانگ ڪٺهي حلال ڪري، بنا لوڻ مرچ جي رڌي ٻار کي کارائجي ته ڪيرڻيو ڇڏي ويندو.

## وڏي کنگهه جو سوڻ

١٥- ٻار کي وڏي کنگهه هجي ته رات جو جنهن وقت گدڙ جي اونائي ٻڌجي، يڪدم چئجي ته، "گدڙا منهنجي ٻلائي ٻار کي وڏي کنگهه آهي، ان توکي سلام ڏنا آهن." اهو سوڻ ڪرڻ سان کنگهه هلڪي ٿي، آهستي آهستي لهي ويندي.

## ٻاراٽي جي بيماري

ٻاراٽي جي بيماريءَ ۾ ٻار جو علاج هيٺين ريت ڪندا آهن:

١٦- بيمار ٻار تي ڊيلي يا چٺوڙي کان 'ٻاراٽو' پڙهائيندا آهن، ته بيماري ڇڏي ويندي.

١٧- ٽ-واڻي لي ويهي بيمار ٻار جي پيٽ تي ٻادر گهمائڻ سان بيماري لهي ويندي.

١٨- بيمار ٻار کي اَٽ جي هيٺان ٽپائڻ سان بيماري لهي ويندي.

١٩- ڊکي جي ڪتن جو رت بيمار ٻار جي پيٽ تي مکڻ سان بيماري لهي ويندي.

---

(١٢) ڪان (١٤) محمد طالب لوهار. (١٥) ڪان (١٩) محمد پناهه، قرڙو.

٥٠- آڳي دالگيءَ تي مالين جي ڍڪي رکي، آن مان ماني کائجي ته هيانءَ جو سور چڙي ويندو.

٥١- در جي چائنٺ تي ڍڪڻ رکي، ان تي ماني رکي کائجي ته هيانءَ جو سور لهي ويندو.

پيٽ جو سور

٥٢- جنهن کنولي جي واٽ ۾ ورُ پيل نه هجي، تنهن کنولي تي پيٽ جي سور وارو سمهندو ته ان کي پيٽ جو سور چڙي ويندو.

بيهوشي جي بيماري

٥٣- مٿل ٻار تان جيڪو ٻيو ٻار پيدا ٿيندو، تنهن کي بيهوشي جي بيماري ٿيندي.

٥٤- بيهوشيءَ جي مريض تان ڪڙو يا مٺو تيل گهوري، ڪنهن سائي ٻُوٽي تي هاربو ته بيماري وڃي سائي ٻوٽي کي لڳندي ۽ مريض چڱو ڀلو ٿي پوندو.

٥٥- مريض ڪان ٽ. واٽي تي ماني رکائيندا ته بيماري ماني کائي واٽ ونيو هلي وڃي.

مٿي جو سور

٥٦- مٿي ۾ سور ٿيوي ته اڪ جا پن، باهه تي سيڪي، پيرن جي ترين تي ٻڌجن ته ڪلاڪ ڪن ۾ مٿي جو سور چڙي ويندو.

٥٧- ميٽ ۾ ٻعمر ۽ نم جا پن گڏي مٿي جي اٽوَٽ ڪندا آهن ته مٿي جو سور يا اڌ مٿي جو سور چڙيو وڃي.

اڌ مٿي جو سور

٥٨- مٿي جي ڪاٻي يا ساڄي اڌ ۾ سور ٿيندو آهي، جنهنڪري بعضي آن پاسي جي اک ۾ به سور ٿيندو آهي.

---

(٥٠) ڪان (٥٦) محمد پناهه قرڙو. (٥٧) محمد طالب لوهار.
(٥٨) محمد پناهه قرڙو.

٦- ڪنواري ڪولهن جي ڪاري نوري لهرائي، اڇت پائي واري دلهي مان ست ٽيپيون ڏياري اها نوري هٿ جي ڪرائي ۽ پڌي ڇڏبي آهي، جنهن کي صبح ۽ شام هرمري ۽ ريلي ڏوپ جو واس ڏبو آهي.

٧- ڪارو ڀنگرو ڪهوڻي ان جي ٽپري هڪ صبح جو چاڙهجي ۽ ٻي لپري وري ٻئي صبح جو چاڙهجي. آٺ پهر لپري پڌل رکجي، سور لهي ويندو.

چاپاڪو

٨- چاپاڪو پکي ذبح ڪري ان جي رت مان هٿ ڪاڙها ڪجن. هٿن کي رت چڱيءَ طرح ملجي، جيئن هٿن ۾ چپاڪي جو رت چڱيءَ طرح جذب ٿي وڃي، پوءِ جنهن ماڻهو کي چپاڪو ٿئي، تنهن ماڻهوءَ جي جسم تي جيڪڏهن اهو ماڻهو، جنهن جا هٿ چپاڪي رت مان رڱيل آهن، سو هٿ ڦيرائيندو ته ان کي نه فقط چپاڪو ڇڏي ويندو، پر ان کي وري ڪڏهن به چپاڪو نه ٿيندو.

شافاقو

شافاقي لفظ جي معنيٰ آهي ڪاڙهاڻ، يعني بت تي خارش، سڙڻي، سوڄ وغيره جي ڪاڙهاڻ ٿيڻ. هن بيماري جو علاج هيٺين ريت آهي:

٩- چاپاڪي پکي جي رت مان رڱيل هٿن وارو ماڻهو بيمار جي جسم تي هٿ ڦيرائيندو يا کهائيندو ته بيماري ڇڏي ويندي.

١٠- چاپاڪي جي رت مان رڱيل هٿن وارو هٿ ڌوئي، اهو پاڻي مريض کي پيارجي ته بيماري ڇڏي ويندي.

---

(٦) ڪاڻ (٨) محمد طالب لوهار. (٩) ۽ (١٠) محمد پناهه ڦرڙو.

## هڪ ڏڙو تپ

٣- جنهن ماڻهوءَ کي تپ ايندڙ هجن، سو ڳاڙها مرچ چلهه ۾ هيٺان پوريندو ته ڪيس تپ ڇڏي ويندو.

٤- جنهن ماڻهوءَ کي تپ لهه ڇڏي، اهو سرنهن جي ون هيٺ، ان جا ست ڪنا هڪ هڪ ڪري پوريندو ۽ چوندو ويندو ته "اچجي تو منهنجو تپ، قابو ڪجانس" ته تپ ڇڏي ويندو. ائين ٽن ڀيرن ڪرڻ سان تپ بلڪل ڇڏي ويندو.

### پيڙو تپ

اهو تپ هڪ ڏينهن ڇڏي، ٻئي ڏينهن اچي. ان جا علاج ۽ ٽوٽڪا هيٺين ريت آهن:

٥- ٻن نڪاحن واري مرد يا عورت کان سگهو ڪرائڻ سان تپ لهي ويندو.

٦- پنهنجي پاڇي کي سڄا ڏهه سان تپ لهي ويندو.

٧- تپ ڏرائڻ سان تپ لهي ويندو. تپ هن ريت ڊڄندا آهن: ٻڍي جي لوڙي، پاڻيءَ ۾ ٻيڻي، ساڻي ون کي ٻڌي، چوندا ته "فلاڻي جو تپ تو ڏان، تنهن کي قابو ڪجانس."

٨- مسجد جي ڪنهن ڦوڙ کي لنبڻ سان تپ لهي ويندو.

### ٽيڄڙ تپ

اهو تپ جو ٻه ڏينهن ڇڏي، ٽئين ڏينهن ٿئي. هي تپ گهڻ ۾ گهڻ ٽي مهنا ۽ وڌ ۾ وڌ ٽي سال هلندو آهي. هن تپ جا علاج ۽ ٽوٽڪا هيٺين ريت آهن:

٩- آڪ ٽي چڙيون نيلهه ۽ ان ڏس ڇڇڀ، جيڪو ٻه ڏس ڏين، تنهن ڪهي تپ لٿي ويندو.

---

(٣) کان (٩) محمد پناهه ڦرڙو.

١- ڳوٺ ۾ سهو اچي نڪري ته ڳوٺ ۾ ماتا جي بيماري پوڻ جو انديشو سمجهندا.

٢- اندرهن ڏينهن جي عرصي ۾ کهر ۾ مڇي، پلو ۽ گوشت ڪوله رڌ ڻيندا.

٣- چاليهن واري عرصي ۾ پوڙ با پيٽ کي داغ نه ڏيندا.

٤- ڏينهن ۾ ٽي دفعا مريض کي ميسر يا ميسرياڻي لولي ڏيندا.

٥- ميري مٽي واري، يا ڪولهي پيل يا ڪنهن اڇوت کي مريض وٽ اچڻ نه ڏيندا.

چنڊو ڏيڻ

٦- چنڊي ڏيڻ واري ڏينهن ڪنهر رڌي ننڍڙن ٻارن ۾ ورهائيندا ۽ ننڍڙن ٻارن کي ڪاٺ جا ننڍا لڪڻ وڍي ڏيندا، جيڪي گهوڙا ڪري لڪڻ تي چڙهندا ۽ گهوڙن کي ڊوڙائي ڏورو پرڀرو وڃي وري واپس گهوڙن جون هڪارون ڪندا ڪنهر ورهائيندڙ وٽ ايندا، ۽ ڪنهر کائي وري گهوڙا ڊوڙائيندا واپس ايندا. ان ريت چنڊي جي رسم پوري ٿي.

٧- ماتا واري مريض کي ڦٽن تي ۽ اکين ۾ سرمو گهٽو پائيندا آهن.

سيتلا ماتا جي سواري وارڻ

٨- جنهن ٻار کي ماتا اکرندي، تنهن ٻار جي ماءُ يا پيءُ جيڪڏهن سيتلا ماتا جي سواري واريندو يعني سهو نه کائيندو، تنهن ٻار کي ماتا هلڪي نڪرندي ۽ ڪابه تڪليف ڪانه ڏيندي.

---

(١) محمد طالب لوهار. (٢) ڪان (٧) محمد پناه قرڙو. (٨) ۽ (٩) محمد طالب لوهار.

### ڪوڙي ماتا جو علاج

٩- ماتا نڪتل ماڻهو کي ڳوهڙ ٻڪيءَ جو ڪچو آلو ڪارائبو ته، ڪهڙي به ڪوڙي ٿيل ماتا سچي ٿي پوندي ۽ ماتا پرجي ايندي.

### ڳجهي ماتا ظاهر ڪرڻ

١٠- جيڪڏهن ماتا ظاهر نه ٿئي ته مريض کي ريلڙو ڪير پيارجي ته ماتا يڪدم ظاهر ٿيندي.

### ماتا جا قسم

١١- ماتا ٽن قسمن جي ٿيندي آهي:

(١) موتين جي داڻن واري ماتا، جنهن ۾ داڻا پاڻيءَ سان پرجي بعد موتين وانگر جرڪندا آهن.

(٢) ڳل ماتا، جنهن ۾ نڙي سڄي پوندي آهي ۽ زبان ڦاٽي پوندي آهي. بعضي رت جا دست به ٿي پوندا آهن ۽ بدن تي بخار تمام گهڻو ٿيندو آهي.

(٣) ٽر ماتا، جنهن ۾ ڳلهاڻ بند، دل تي پوست ۽ ماندڪائي، بخار جي سختي، ڪَل جي اندران ڳوڙها ۽ ڦٽ ٿي پوندا آهن، مگر ظاهر ۾ ڪوبه نشان ڪونه هوندو اٿس.

### بيماريءَ جو علاج

١- ڪواهين ۾ جيڪڏهن ڪو بيمار ٿيو ته ان جي علاج لاءِ پوپو ڏوڻائيندا، پوءِ اهو جيڪو به علاج ٻڌائيندو ان مطابق ڏس ڪرڻ سان مريض چڱو ڀلو ٿيندو. پوپو هن طرح ڪندو:

پوپو پاڻ سان ڌاڳا وچائڻ وارو به وٺي ايندو. اڪثر ڪري اهو ڏنڊو رات جي ماني کائڻ کان پوءِ يا صبح

---

(١٠) تعلقو حيدرآباد. (١١) محمد پناهه قرڙو. (١) محمد طالب لوهار.

ڇيـر ۾ کهه ڻهڻ

٦- پير جي ڪُڙيءَ ۾ کهه ٿئي ته پئسا خرچ ڪرڻا پوندا.
٧- جنهن عورت جي پير جي ترِيءَ يا ڪُڙيءَ ۾ کهه ٿئي، تنهن جي ان وقت ٻئي ڪنهن هنڌ ڳالا ٿيندي هوندي.

اک ۾ کهه ٿيڻ

٨- اک ۾ کهه ٿيڻ سان بيماري ڏسڻي پوندي.

## عضون جو ڦرڻ

بدن جي عضون ڦرڻ (ڏڪڻ) سان سياڻپ ۽ ڀلائيءَ جا اهڃاڻ ڪڍندا آهن. عام طور جسم جا سڀ عضوا ڦرن ٿا، پر اکين ۽ ڪلهن جي ڦرڻ سان سنڌ جي مختلف حصن ۾ جدا جدا سوڻ ڪڍندا آهن، جي هيٺ ڏجن ٿا:

عورت جي ساڄي اک ڦرڻ

١- عورت جي ساڄي اک ڦري ته سياڻپ.
٢- عورت جي ساڄي اک ڦري ته مائٽ ملنس يا ڪنهن شاديءَ جي دعوت ملي (٢).
٣- عورت جي کاٻي اک ڦري ته ڀلائپ.

مرد جي ساڄي اک ڦرڻ

٤- مرد جي ساڄي اک ڦري ته نقصانڪار.
٥- سفر تي اسهڻ وقت مرد جي ساڄي اک ڦري ته ڀلائپ، سفر ملتوي ڪرڻ گهرجي (٥).
٦- مرد جي کاٻي اک ڦري ته سياڻپ.

عورت جي کاٻي اک ڦرڻ

٧ عورت جي کاٻي اک ڦري ته نقصانڪار.

---

(٦) ڪان (٨) محمد طالب لوهار. (١) ڪان (٢) محمد طالب لوهار.
(٣) محمد پناهه ڦرڙو ۽ الهڏنو ساچي. (٤) ۽ (٥) محمد طالب لوهار.
(٦) محمد پناهه ڦرڙو ۽ الهڏنو ساچي. (٧) محمد طالب لوهار ۽ الهڏنو فقير.

٨- عورت جي کاٻي اک ڦري ته سياڳ.

مرد جي کاٻي اک ڦرڻ

٩- مرد جي کاٻي اک ڦري ته سياڳ.

١٠- مرد جي کاٻي اک ڦري ته پري جا دوست ڏسي، عزيزن جي خوشي حاصل ٿئي، شاديءَ جي دعوت ملي.

١١- مرد جي کاٻي اک ڦري ته نياڳ.

نياڳ واري اک جو ڦرڻ بند ڪرڻ لاءِ علاج

١٢- ڦرندڙ اک تي چار جو ڪچڙو پن، ڏندن سان چٿي رکبو ته ان جي کاري رس سبب اک جو پڏر سڙندو ۽ اک ڦرڻ بند ٿيندي.

١٣- ڦرندڙ اک جي پڏر تي لوهه جي ڪاٻه شيءِ مثلاً چمٽو، ورالي وغيره گهمائڻ سان اک جو ڦرڪڻ بند ٿي ويندو.

١٤- اک ڦرڪڻ بند نه ڪري ته جُٺيءَ جي پادر جي ڪُنڙي اک جي پڏر تي مهٽبي ته اک جو ڦرڪو بند ٿي ويندو.

١٥- ڦرلدڙ اک جي پڏر تي ڪڙي تيل مان آگر پري لائبي ته تيل جي پوسراڻ تي اک جو ڦرڻ بند ٿي ويندو.

١٦- مسجد جو ڪک ڪٽي اک تي گهمائجي ته اک جو ڦرڻ بند ٿي ويندو.

ڪلهو ڦرڻ

١٧- ڪلهو ڦرڪندو ته ڪنهن سان پاڪر پائي ملندو.

١٨- ڪلهو ڦريو ته ڪنهن دوست سان ملاقات ٿيندي.

---

(٨) محمد پناهه ڦرڙو. (٩) ۽ (١٠) محمد طالب لوهار ۽ محمد پناهه ڦرڙو. (١١) الهڏلو فقير (١٢) کان (١٥) محمد طالب لوهار. (١٦) محمد پناهه ڦرڙو. (١٧) تعلقو حيدرآباد. (١٨) الهڏنو فقير.

# باب ڏهون

## نظر، پٽ پاراتو، ڊوهه، جادو، ڪاٺ، لڳت ۽ جن

